# شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾
# استعاره ۽ تشبيهه نگاريءَ
# جو تحقيقي جائزو

ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهہ

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر،
ڪراچي يونيورسٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ لطيف جي
# شاعريءَ ۾
# استعاره ۽ تشبيهہ نگاريءَ
# جو تحقيقي جائزو

ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهہ

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر،
ڪراچي يونيورسٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمورا حق ۽ واسطا محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب : | شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ استعاره ۽ تشبيهه نگاريءَ جو تحقيقي جائزو |
| تحقيق ۽ تحرير: | ام ڪلثوم شاهه |
| نظرثاني ۽ ايڊيٽنگ: | ڊاڪٽر فهميده حسين |
| ڇاپو : | پهريون، جنوري 2004ع |
| تعداد : | 1000 |
| قيمت : | 300 روپيه |
| ڪمپوزنگ : | سنگم پبليڪيشن، ڪراچي |
| ڇپيندڙ : | شعبو تصنيف، تاليف ۽ ترجمو ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي. |
| ڇپائيندڙ : | شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي. |

ISBN : 969 - 8447 - 09 - 16


*All the rights are reserved*

**SHAH LATIF JEE SHAIREE MAIN ISTIARE AIN TASHBEEH NIGAREE JO TAHQEEQEE JAIZO**


| | |
|---|---|
| Author : | Dr. Ume Kulsoom Shah |
| Revision and Editing: | Dr. Fahmida Hussain |
| First Print : | January 2004 |
| Published by : | Shah Abdul Latif Bhitai Chair, Karachi University |
| Printed at : | B.C.C.T & Press, University of Karachi. |
| Lay out by : | Saqib Ali Abro |
| Composed by : | Sangam Publications, Karachi Ph: 021-8143379 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران شاهه لطيف جي شاعريءَ جي اهم ترين فني خوبيءَ تي تحقيق جو هي ڪتاب پيش ڪندي تمام گهڻي خوشي محسوس ڪري رهي آهيان. هي ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه جو پي ايچ ڊي جي لاءِ لکيل مقالو آهي، جنهن کي ايڊيٽنگ ۽ نظرثاني ڪري ڪتابي صورت ڏني وئي آهي. هن مقالي ۾ شاهه لطيف جي شاعريءَ جي عمومي خوبين کانسواءِ خصوصي طور ان ۾ تشبيهه ۽ استعاره جي صنعتن بابت تفصيلي اڀياس پيش ڪيو ويو آهي. هن کان اڳ ۾ هن موضوع تي سواءِ چند مضمونن جي ڪو اهم ڪم نظر ڪونه ٿو اچي. جيتوڻيڪ اڄڪلهه جي روايت اها آهي ته شاعريءَ جي فن بابت لکڻ مهل مشرق کانسواءِ مغرب جي عالمن اديبن جا رايا ۽ اتان جي فنڪارن جي فن سان ڀيٽ به ڪئي ويندي آهي ته جيئن اسان پنهنجي عظيم شاعرن کي هر ڪسوٽيءَ تي پرکي پوءِ ڪو فيصلو ڪريون پر جڏهن مون هيءُ مقالو پڙهيو ته اها ڀيٽ نه هئڻ جي باوجود ڪا خاص گهڻتائي محسوس ڪانه ٿي. ان قسم جي مطالعي سان يقينن هن مقالي ۾ قابل قدر اضافو ٿئي ها پر ان جي نه هئڻ سان ڪنهن قسم جي کوٽ جو احساس به نٿو ٿئي. تمام مناسب ۽ relevant موضوعن تي بحث ڪيو ويو آهي ۽ ڀيٽ لاءِ به اهڙا شاعر چونڊيا ويا آهن جن جو شاهه صاحب سان ڪونه ڪو تعلق نڪري ٿو. ان ڪري آءٌ ڀانيان ٿي ته هي ڪتاب اسان جي عالمن اديبن، محققن ۽ ادب جي شاگردن کانسواءِ عام پڙهندڙن لاءِ پڻ لاڀائتو ثابت ٿيندو.

شاهه لطيف چيئر جي هميشه اها ڪوشش رهي آهي ته شاهه صاحب بابت هر قسم جي معياري تحقيق پڙهندڙن تائين پهچائجي. هن ڪتاب ذريعي اهو مقصد ضرور ڪنهن حد تائين پورو ٿئي ٿو.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

ڊائريڪٽر

شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر

ڪراچي يونيورسٽي

ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


- مهاڳ — ڊاڪٽر فهميده حسين
- مقدمو — ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه — 07

پاڱو پهريون — 10

شاعريءَ ۾ استعاره ۽ تشبيهه جو استعمال

باب پهريون : شاعريءَ جو فن — 11

الف : شاعريءَ جي فن جا ضروري عنصر — 11

ب : شاعريءَ سان لاڳاپيل علم — 18

باب ٻيو : استعاره ۽ تشبيهه جون صنعتون — 41

الف : استعاره — 41

1. وصف — 41

2. استعاره جا رڪن يا جزا — 48

3. استعاره جا قسم — 50

ب : تشبيهه — 61

1. وصف — 61

2. تشبيهه جا رڪن يا جزا — 66

3. تشبيهه جا قسم — 68

پاڱو ٻيو — 80

شاهه لطيف جي دور جون ادبي روايتون ۽ سنڌس شعر تي انهن جو اثر

باب پهريون : — 80

1. هنديءَ جو اثر — 81

2. عربيءَ جو اثر — 94

3. فارسيءَ جو اثر — 106

باب ٻيو : — 120

الف : مولانا روميءَ جي صوفيانه شاعريءَ جو شاهه تي اثر — 121

ب : استعاره ۽ تشبيهه نگاريءَ جي لحاظ کان مولانا روميءَ جو شاهه لطيف تي اثر — 126


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڀاڱو ٽيون
## شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ استعاري ۽ تشبيهه نگاريءَ جو تحقيقي اڀياس 147

تعارف 147

باب پهريون : سر ڪلياڻ کان سر بلاول تائين (ٽيهه سر) 158

## ڀاڱو چوٿون 400
## استعاره ۽ تشبيهه جي استعمال جي لحاظ کان شاهه لطيف ۽ سنڌس متقدمين، معاصرين ۽ متاخرين جي ڪلام جو تقابلي جائزو

باب پهريون : شاهه لطيف جي متقدمين جو مٿس اثر 401

الف : سومره ۽ سمه دور جا اوائلي شاعر (1050ع- 1520ع) 401

ب : قاضي قاضن ( 63 - 1458ع - 1551ع) 409

ت : شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو (1536ع - 1623ع) 429

ج : شاهه لطف الله قادري (1611ع - 1679ع) 440

ح : ميون شاهه عنايت رضوي ( 25 - 1620ع - 15- 1710ع) 454

باب ٻيو : شاهه ۽ سنڌس همعصر شاعرن جي شاعريءَ ۾ استعاري ۽ تشبيهه جي استعمال جي ڀيٽ 483

(الف) ميون عيسو فقير 483

(ب) حضرت خواجه محمد زمان (1713ع - 1774ع) 496

(ت) روحل فقير (1733ع - 1804ع) 507

(ج) حضرت سچل سرمست (1739ع - 1829ع) 516

(ح) مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي شهيد 534

باب ٽيون : استعاري ۽ تشبيهه نگاري جي لحاظ کان شاهه لطيف جو سنڌس متاخرين تي اثر 549

(الف) مراد فقير (1742ع - 1796ع) 549

(ب) فقير محمد صديق سومرو (1756ع - 1849ع) 559

(ت) خليفو نبي بخش قاسم (1776ع - 1860ع) 577

(ج) حمل فقير (1809ع - 1879ع) 599

(ح) فقير قادر بخش بيدل (1814ع - 1872ع) 605

عمومي جائزو 615

ببليو گرافي 618

بس الله پاڪ منهنجا سڌ اونايا ۽ پنهنجي مدد سان هر مرحلي تي منهنجي لاءِ آسانيءَ جا اسباب پيدا ڪيا. آخرڪار ڇهن سالن جي لڳاتار محنت سان هي ڪم پايهء تڪميل تي پهتو.

هن ڪم لاءِ ڪامل ۽ حرف آخر هجڻ جي دعوي نـه ٿي ڪريان. بس پنهنجي وس ۽ وت آهر ۽ بي حد محبت سان هي پورهيو ڪيو اٿم جنهن کي اميد تـه قبوليت بخشي ويندي. يقينـــا ڪٿي نـ ڪٿي ڪا ڪمي ۽ ڪوتاهي بہ رهجي وئي هوندي. جنهن کي بہ اميد ڪريان ٿي تہ درگذر ڪيو ويندو.

تـاجي توريـائون، تـــ عيـب نڪتـا اڳيـــان،
ڪرنـي ڪاپـــائتين ڪـــي، پـــر ۾ پڇيـــائون،
جي: اڳلڙي آئون، مون ڪان پڙا پڳـا نـ ٿـا.

**ام ڪلثوم**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڀاڱو پهريون

## شاعريءَ ۾ استعاره ۽ تشبيهه جو استعمال

باب پهريون : شاعريءَ جو فن

الف : شاعريءَ جي فن جا ضروري عناصر

ب : شاعريءَ سان لاڳاپيل علم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاعريءَ جو فن

شاعري انسان جي بنهه ابتدائي تخليقي سرگرمي (Creative activity) آهي.

انساني تهذيب ۽ تمدن ۾ جيئن جيئن سڌارو ۽ واڌارو ايندو ويو تيئن تيئن ان جي بين تخليقي عملن سان گڏ شاعريءَ ۾ بہ بهتري ۽ تنظيم ايندي وئي. ان سلسلي ۾ ڪجهہ اصول، پابنديون ۽ ضروري عناصر واضع ڪيا ويا. انهن تي عمل ڪرڻ سان شاعريءَ کي وڌيڪ باترتيب، سهڻو، سريلو ۽ پرتاثير بنائي سگهجي ٿو.

## الف: شاعريءَ جي فن جا ضروري عنصر:

ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي، پنهنجي تحقيقي ڪتاب "Shah Abdul Latif of Bhit" ( ڀٽ جو شاهه) ۾ "Principles of Poetry and Poetical Criticism" (شاعريءَ ۽ شاعرائي تنقيد جا اصول) جي عنوان تحت لکيو آهي:

"مسئلو اسان جي سامهون هي آهي تہ اها ڪهڙي ڳالهہ آهي جنهن جي بنياد تي اسين اهو فيصلو ڪريون تہ بوليءَ جي فلاڻي سٽاءَ شاعري آهي ۽ ڪهڙي بنياد تي سٺي ۽ خراب شاعريءَ جي فرق جي تميز ۽ سڃاڻ ڪري سگهبي؟ ان جي جواب حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي شاعريءَ متعلق ٽن عنصرن کي ياد رکڻو پوندو. پهريون آهي ظاهري ساخت، لفظ، زبان، سر يا لئي، موضوع، مواد ۽ موسيقيت، ٻيو آهي شعر جي ان ظاهري صورت ذريعي، ان ۾ اندروني طور بيان ڪيل فڪر جي اهميت بابت ذهني پرک ۽ ٽيون عنصر آهي، شاعريءَ ۾ موجود جمالياتي اثرن جو، سوچ ۽ جذباتي روين کي متاثر ڪرڻ". (1)

بهتر ۽ سهڻي شاعريءَ جا ضروري عناصر بيان ڪندي ڊاڪٽر نصير احمد "ناصر"، پنهنجي تصنيف "جماليات" ۾ لکي ٿو:

"قرآن شريف ۾ ارشاد ٿئي ٿو، "قولو لا الناس حسنا" يعني ماڻهن سان سٺو ڳالهايو. شعر ۾ بيان کي حسين بنائڻ لاءِ چار عناصر مقرر ڪيا ويا آهن:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(وزن شعر ۾ سر، تال جو ماپو آهي. انگريزيءَ ۾ شعر جي لئي کي ماپڻ لاءِ مختلف ماپا يا وزن آهن جيڪي ڪيترن ئي قسمن جي زوراٽن ۽ اڻ زوراٽن پدن تي ٻڌل آهن يعني آوازن جي اتار چڙهاءَ وارن لفظن تي ٻڌل آهن).

وليم هينري هڊسن، "An introduction to the study of literature" ۾ انگريزي زبان جي ٻن مفڪرن جا "وزن" بابت حوالا درج ڪيا آهن. بين جانسن لکي ٿو:

"Poetry is metrical composition"(موزون عبارت کي شاعري چئجي ٿو).

پروفيسر ڪورٿهوپ مطابق:

"Poetry is the art of producing pleasure by the just expression of imaginative thought and feelings in metrical language."(8)

(شاعري خوشي يا راحت پهچائيندڙ اهو فن آهي جيڪو جذبات جو تصوراتي بيان ڪري ٿو ۽ اندر جي احساسات کي موزون زبان ۾ پڌرو ڪري ٿو.)

شيخ ابراهيم خليل لکي ٿو:

"شعر لاءِ "وزن" ايئن آهي جيئن راڳ لاءِ لفظ. جهڙي طرح راڳ ڪنهن حد تائين لفظن جو محتاج نہ آهي تهڙيءَ طرح شعر بہ وزن جو محتاج نہ آهي. البت ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ وزن جي ڪري شعر جي خوبي ۽ ان جو تاثر اونچو ٿئي ٿو." (9)

پرنسلي جنرل ناليج جي لٽريچر واري باب ۾ "وزن" بابت لکيل آهي:

"Metre, rythmic arrangments of syllables in verse, the pattern of stressed and unstressed syllables." (10)

(وزن شعر ۾ مصرعن جي "اتار چڙهاءَ" وارن پدن جي سريلي تنظيم ۽ ترتيب جو نالو آهي.)

مطلب تہ "وزن" شعر لاءِ مقرر ڪيل هڪ اهڙو سانچو آهي، جنهن ۾ ڍلجڻ ڪان پوءِ ان جي فني سٽاءُ باترتيب ۽ حسين ٿيو پوي. پر وزن شاعريءَ لاءِ هرورو ڪو شرط نہ آهي. مشهور انگريز شاعر ۽ تنقيد نگار ڪولرج ان بابت لکي ٿو:

"Poetry of the highest kind may exist without metre." (11)

"قافيو" جنهن کي انگريزي زبان ۾ "Rhyme" چئجي ٿو، ان جي وصف بيان ڪندي ويبسٽرس نيو ورلڊ انسائيڪلوپيڊيا ۾ اچي ٿو:

"Rhyme, identity of sound usually in the endings of lines of verse, such as wing, sing, ring, avoided in Japanese, it is a common



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"شعر لکي پورو ڪجي تہ پوءِ ان کي بار بار جاچجي ۽ پرکجي، ان ۾ ترميم ۽ تصحيح ڪبي رھجي ۽ پوءِ جي ان ۾ گھربل حسن ۽ مزو پيدا نہ ٿئي تہ ان کي ختم ڪري ڇڏجي." (22)

پر علامہ آءِ آءِ قاضي شاعريءَ جي ھن عنصر جي حمايت نہ ٿو ڪري ۽ نہ ئي ان کي ڪا خوبي يا ڪسوٽي سمجھي ٿو. ھن "Shah Abdul Latif: An introduction to His Art" ۾ ان ڳالھ جي سخت نفي ڪئي آھي.

شاعريءَ جي فن لطيف سان انھن عنصرن، اصولن، ڪسوٽين ۽ پابندين کان علاوہ ڪجھ باقاعدہ علم بہ لاڳاپيل آھن جن جو ذڪر ڪرڻ بہ ضروري آھي.

## (ب) شاعريءَ سان لاڳاپيل علم

انسان جي ھميشہ اھا خواھش ۽ ڪوشش رھي آھي تہ ھو پنھنجي محسوسات کي بلڪل ساڳي شڪل ۾. وڌ کان وڌ واضح ۽ بھتر نموني ٻين تائين پھچائي. پوئتي ان امر جو بيان ئي چڪو آھي تہ انساني جذبات ۽ احساسات جي اظھار جو بھتر، موثر ۽ جاندار طريقو نثر جي مقابلي ۾ نظم ئي رھيو آھي. ھو پنھنجي سوچ جو ٻين جي ذھن ۾ چٽو نقش اڀارڻ لاءِ معقول ۽ موزون لفظن جي چونڊ ڪندو آھي ۽ ان مقصد لاءِ مختلف علمن ڏانھن رجوع ڪندو آھي جن جي مدد سان ھو تہ رڳو پنھنجي بيان کي وڌيڪ اثرائتو ۽ سگھارو بنائي سگھي ٿو پر ان ۾ حسن ۽ دلڪشي بہ پيدا ڪري ٿو سگھي. شاعريءَ جي فن سان لاڳاپيل انھن علمن مان خاص ھي علم آھن:

(1) علم معاني (2) علم بديع (3) علم بيان

## (1) علم معاني:

ھن علم بابت "صنائع بدائع" جو مصنف احمد شمير خان لکي ٿو:

"علم معاني، اھو علم جيڪو ڪلام ۾ لفظن جي حقيقي يا لغوي معنيٰ استعمال ڪرڻ جي اصولن ۽ قاعدن متعلق آھي." (23)

حڪيم فتح محمد سيوھاڻي، "آفتاب ادب" ۾ لکي ٿو:

"علم معاني اھڙن قاعدن جي مجموعي کي چئبو آھي، جن جي ذريعي لفظن جي حالتن کان واقف ٿجي ۽ ڳالھائيندڙ يا لکندڙ پنھنجي مراد بيان ڪرڻ ۾ ڪا معنوي غلطي نہ ڪري." (24)

يعني علم معاني جي ڄاڻ رکڻ ۽ ان ۾ مھارت حاصل ڪرڻ سان ٻوليءَ تي عبور حاصل ٿئي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طور، آٺون نوابشاھ ۾ رهندو آهيان. هتي نوابشاھ مان مراد ان جو ڪل نہ پر جز هوندو).

"دلالت التزامي : اها دلالت يا رهبري جنهن ۾ لفظ نہ ان جي پوري معنيٰ تي، نہ ان جي جز تي دلالت ڪري، پر ان ڳالھ يا مطلب تي دلالت ڪري جيڪا معنيٰ لاءِ لازم هجي ۽ علم بيان جي اصطلاح ۾ دلالت تضمني ۽ دلالت التزامي کي دلالت عقليہ بہ چئي سگهجي ٿو."(40)

"آفتاب ادب" ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي لکي ٿو:

"علم بيان جي جسم جو جزو اعظم آهيّ "دلالت التزامي" هن جي ذريعي ئي تشبيھ استعارو، ڪنايو، حقيقت، مجاز ۽ ٻيون اهڙيون حالتون پيدا ٿي سگهن ٿيون." (41)

علم بيان، جنهن جو دائرہ ڪار نهايت وسيع آهي، ان لاءِ مٿي بيان ڪيل قاعدن تي مڪمل دسترس هجڻ ضروري آهي، جو تہ ان ڄاڻ ذريعي هڪ ئي ڳالھ کي مختلف ۽ نون نون طريقن سان ادا ڪري ٿو سگهجي ۽ انهن مان هر طريقو هڪ ٻئي کان وڌيڪ واضح ۽ موثر هوندو. هن علم ۾ مهارت رکڻ وارو يقينا پنهنجي تحرير کي، پنهنجي خواهش مطابق لطيف ۽ معنيٰ خيز بنائي سگهي ٿو.

ادب ۾ لفظ جون ٻن قسمن جون معنائون رائج آهن. جن مان هڪڙيون حقيقي يا لغوي سڏجن ٿيون ۽ ٻيون مجازي يا غير حقيقي سڏجن ٿيون. ان ڳالھ جي وضاحت پروفيسر احمد شمير خان پنهنجي تصنيف "صنائع بدائع" ۾ هن طرح ڪري ٿو:

"بيان جو علم، علم معاني سان وابستہ آهي. علم معاني اهو علم آهي جيڪو لفظن جي حقيقي ۽ لغوي معنيٰ سان واسطو رکي ٿو ۽ بيان جو علم اتان شروع ٿئي ٿو، جتي معاني جي حد ختم ٿئي ٿي. جڏهن لفظن جي لغوي معنيٰ خيالات جو ساٿ نہ ڏئي سگهي ۽ شاعر يا اديب پنهنجي ڳالھ ۾ زور پيدا ڪرڻ ۽ پنهنجي وسيع تر خيالات ۽ احساسات جي صحيح ترجماني لاءِ لفظن جي لغوي معنيٰ کي ناڪافي سمجهندو آهي، تڏهن هو لفظ کي انهن جي مجازي معنيٰ جي ذريعي وسيع تر مفهوم ۾ استعمال ڪندو آهي ۽ اهڙي طرح هو پنهنجا غير معمولي جذبا ۽ احساس جيڪي علم معاني ذريعي واضح نہ ٿي سگهن تن کي علم بيان ذريعي بخوبي واضح ڪري سگهندو آهي." (42)

مٿي بيان ڪيل وصفن کان پوءِ اها ڳالھ بلڪل چٽي ٿي بيهي ٿي تہ علم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (2) مجاز مرسل

مرزا قليچ بيگ هن صنعت جي تعريف بيان ڪندي لکي ٿو تہ جڏهن ڪي لفظ استعاري وانگر غير معمولي معنيٰ سان ڪم اچن تہ اهي مجاز مرسل ۾ شمار ٿيندا، جيئن مسبب جي جاءِ تي سبب وغيرہ.

عشــق جــو بحــر هــو ۽ عقــل جــي ڪــاڻ
شــرع جــي اڪ هــو ۽ ديــن جــي هــو جــان

(علم بديع ۽ علم عروض - ص 198)

سيد جلال الدين جعفري لکي ٿو تہ لفظ اصل ۾ جنهن معنيٰ لاءِ وضع ڪيو ويو هجي، ان کان ٻي صورت ۾ يعني مجازي معنيٰ ۾ ان جو استعمال ٿئي. ان صورت ۾ اگر ان حقيقي ۽ مجازي معنيٰ جي وچ ۾ تشبيھ کان سواءِ ڪو ٻيو تعلق آهي تہ اهو "مجاز مرسل" ۾ شمار ٿيندو. (51)

مجاز مرسل ۾، حقيقي ۽ مجازي معنائن جي وچ ۾ جيڪي تعلق ٿين ٿا انهن جي آڌار تي ان جا مختلف قسم بہ ٿين ٿا انهن اهم قسمن جو بيان "آفتاب ادب" ۾ هن ريت آهي.

1. ڪليــہ - ڪل جو ذڪر ڪري، جزي جي معنيٰ وٺجي.
2. جزئيــہ - ذڪر جزي جو ڪجي ۽ معنيٰ ڪل جي وٺجي.
3. سببيــہ - ذڪر سبب جو، مراد سبب جي.
4. مسببيــہ - ذڪر مسبب جو، مراد سبب جي.
5. محليــہ - ذڪر ظرف جو ۽ مراد مظروف جي.
6. اليــہ - ڪنهن شيءِ جو ذڪر ۽ مراد ان سان واسطو رکندڙ ڪم جي.
7. ماضيــہ - گذريل حالت بيان ڪري، حاضر مراد وٺڻ.
8. استقباليــہ - ايندڙ زماني جي حالت کي موجودہ حالت بنائي پيش ڪرڻ. (52)

انهن وصفن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ "مجاز مرسل" علم بيان جو اهو اهم رڪن آهي، جيڪو پنهنجي غير حقيقي معنائن جي استعمال سببان، ٻوليءَ ۾ وسعت ۽ معنويت جو باعث بڻجي.

جيڪڏهن ڪو شاعر ڪنهن شيءِ جي عام نالي وٺڻ بدران، ان شيءِ جو نالو استعمال ڪري جنهن مان اها شيءِ ٺهي تہ اهو بہ مجاز مرسل ۾ شمار ٿئي ٿو. جيئن شاھ سائينءَ هنن بيتن ۾ ذڪر ڪيو آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

30. گربخشاڻي هوتچند مولچند، "شاهہ جو رسالو" ٽن جلدن ۾ ص 39.
31. سيوهاڻي حڪيم فتح محمد آفتاب ادب ص 169.
32. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر (نگران ۽ مرتب) جامع سنڌي لغات جلد چوٿون، ص 1641.
33. دائود پوٽو عمر بن محمد، "سنڌي شاعري"، سہ ماهي مهراڻ جلد 3 - 4 1969ع - سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو - ص 10.
34. مرزا قليچ بيگ - علم بديع ۽ علم عروضي - ص 105.
35. ديوبندي مولانا ذوالفقار علي، "تذڪرت البلاغت" ، مطبع عليمي دهلي - ص 133.
36. مرزا قليچ بيگ، "علم بديع" ۽ "علم عروض"، ص 112
37. ساڳيو
38. مرزا قليچ بيگ، "علم بديع" ۽ "علم عروض"، ص 105 - 168.
39. لاشاري رشيد احمد، "ڀٽائي جي ڪلام ۾ شاعراڻيون خوبيون" (مقالو) ماهوار نئين زندگي لطيف نمبر سيپٽمبر 1956ع - ص 19.
40. جعفري جلال الدين احمد، تسير البلاغت" در مطبع انوار احمدي واقع الہ آباد مطبوع گردي، ص 2 - 6
41. سيوهاڻي حڪيم فتح محمد، "آفتاب ادب" ص 143.
42. احمد شمير خان، "صنائع بدائع" ص 12.
43. سيوهاڻي حڪيم فتح محمد، "آفتاب ادب"، ص 148 - 149.
44. "فيروز اللغات" فيروز سنز (پرائيويٽ) لميٽيڊ لاهور، ڪراچي ص 305 ۽ 617.
45. "اظهر اللغات جامع" اظهار پبلشرس، اردو بازار لاهور 1994ع.
46. احمد شمير خان پروفيسر "صنائع بدائع"، ص 26.
47. سيوهاڻي حڪيم فتح محمد، "آفتاب ادب" ص 158 - 159.
48. سرهندي وارث (مولف و مرتب) "علمي اردو لغت"، ڪبير اسٽريٽ اردو بازار لاهور - ص 161.
49. سيوهاڻي حڪيم فتح محمد، "آفتاب ادب"، ص 158.
50. ساڳيو
51. جعفري سيد جلال الدين احمد، "تسير البلاغت"، ص 51.
52. سيوهاڻي حڪيم فتح محمد، "آفتاب ادب"، ص 155 - 157.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پاڃو ڀاڱو

# شاعريءَ ۾ استعاره ۽ تشبيهہ جو استعمال

باب پهريون : استعاره ۽ تشبيهہ جون صنعتون

الف : استعاره

(1) وصف

(2) استعاره جا رڪن يا جزا

(3) استعاره جا قسم

(ب) تشبيهہ

(1) وصف

(2) تشبيهہ جا رڪن يا جزا

(3) تشبيهہ جا قسم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بابُ ٽيون

# استعاره ۽ تشبيھ جون صنعتون

## (الف) استعاره

### (i) وصف

استعارو علم بيان جو نهايت اهم قسم آهي. جملي ۾ بيهڪ يا بناوت جي اعتبار کان استعاري ۽ تشبيھ ۾ تمام گهڻ فرق آهي پر اظهار جي لحاظ کان استعارو وڌيڪ طاقتور ۽ وسيع آهي. ان ڪري خاص طور تي شاعريءَ ۾ هن صنعت جو هڪ خصوصي مقام آهي. "جامع سنڌي لغات" ۾ استعاري جي معنيٰ هن ريت آهي:

"استعارو ج استعارا (ع. استعاره - اڌارو وٺڻ) اها تشبيھ جنهن ۾ تشبيھ جو حرف (جهڙو، جيان، وانگر) ڪم نہ آڻجي. مثلا: هو شينهن آهي (هو شينهن جهڙو بهادر آهي). (1)

"مختار الصحاح" نالي عربي لغت ۾ لکيل آهي.

"استعاره - (م.ع) اصلہ من (عور) من الباب المفاعل، عاور" (2)

"الفرائد الدريہ" نالي عربي انگريزي ڊڪشنري ۾ استعاري جي بنياد "عور" يا "عاور" جو هي مطلب بيان ٿيل آهي:

"عورٌ عاورَ و اعاره To lend, to do,

استعاره To ask a loan from, to use (an expression) metaphorically." (3)

يعني "استعاره" لفظ جو بنياد عور يا عاور آهي، جنهن جو مطلب آهي اڌارو. استعاره جي معنيٰ آهي اڌارو گهرڻ ۽ استعاري جو اصطلاحي مطلب آهي ڪنهن لفظ يا جملي جو اڌارو يا غير حقيقي معنيٰ ۾ استعمال.

"قاموس القاري انڪليزي - عربي" ۾ لکيل آهي:

"استعاره، تعبير مجازي مثل Metaphor"(4)

(استعاره، اهو لفظ جيڪو مجازي يعني غير حقيقي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي).

فرهنگ جديد فارسي ۾ "استعاره" بابت لکيل آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڳالهائڻ جي هڪ علامت جنهن ۾ ڪو لفظ يا جملو، ڪنهن شيءِ يا عمل کي ڪنهن ٻي شيءِ يا عمل سان اهڙي طرح ظاهر ڪري ٿو جو انهن ٻنهي ۾ هڪجهڙائي يا مطابقت نظر اچي. ڪليل تشبيهه جي مقابلي ۾ هڪ اشاراتي تشبيهه آهي، جڏهن ته اصل تشبيهه صاف صاف ۽ قطعي هوندي آهي. استعارو ٻن شين جي وچ ۾، انهن جي صفت يا ڪيفيت بابت هڪ معقول ۽ سادي مشابهت پيدا ڪري ٿو، جنهن وسيلي ٻنهي شين جي مليل خاصيتن مان هڪ نئين شيءِ سڃاڻڻ ۾ اچي ٿي.

استعارو جيتوڻيڪ عام بيانيه ٻوليءِ ۾ به هر سطح تي استعمال ٿيندو آهي پر شاعريءَ لاءِ هي گويا بنيادي زبان آهي).

دي ميڪملن انسائيڪلوپيڊيا ۾ لکيل آهي:

"Metahpor: a figure of speech in which one thing is described in terms of another. The comparison is implicit lacking such words as "like" or "as". The metahpor is a common feature of ordinary language and is a fundamental poetic language." (14)

(ڳالهائڻ جي اها علامت، جنهن ۾ هڪ شيءِ، ٻيءِ جي نشانين جي ياخاصيتن ذريعي بيان ڪئي وڃي. هن ۾ جيڪا مشابهت ڪرائي وڃي ٿي، ان ۾ "جيئن" يا "جهڙو" جو استعمال نه ٿيندو آهي. استعارو عام ٻوليءِ جي هڪ عام شڪل آهي ۽ شاعرانه ٻوليءِ جو ته بنياد ئي هي آهي.)

"The Oxford Companion to Classical استعاري جي تعريف بابت Literature" ۾ اچي ٿو:

"Metaphora (a Greek word meaning transferring), the transfer of a name, action or descriptive term to an object different from, but analogous to, that to which it is properly applicable." (15)

ميٽافورا هڪ يوناني لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي مٽائڻ، تبديل ڪرڻ. ڪنهن نالي، ڪم يا بيان جي ڪنهن مختلف صورت ڪي، ڪنهن اهڙي مختلف فارم ۾ تبديل ڪرڻ جو بظاهر انهن ۾ ڪا هڪجهڙائي نظر نه ايندي پر غور ڪرڻ سان انهن ۾ مناسب هڪجهڙائي نظر ايندي).

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، "آفتاب ادب" ۾ هن صنعت تي روشني وجهندي لکي ٿو:

"استعاري جي معنيٰ آهي اڌارو وٺڻ. اصطلاح ۾ جيڪو قرينو يا خاص تعلق حقيقت ۽ مجاز جي وچ ۾ هوندو آهي، سو جيڪڏهن تشبيهه جهڙو هوندو، پر تشبيهه جو ڪو به حرف مثلاً: جهڙو، وانگر، مثل وغيره منجهس نه هوندو ته اهو استعارو چئبو." (16)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطلب آهي مٽي کڻي وڃڻ يا وڌائي وڃڻ. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هن ۾ اصلي ۽ لغوي معنيٰ جي بدران، وڌايل ۽ غير حقيقي يا مجازي معنيٰ جو استعمال ٿئي ٿو. طفيل محمد ڊوگر وڌيڪ لکي ٿو:

"استعار معنيٰ، منتقل ڪرڻ، اتارڻ. هڪ ادبي محاورو، تشبيھ جو هڪ وسيع ياوڌايل تسمر، جنهن جي ذريعي هڪ شيءِ جي ڪنهن عمل کي ٻيءَ شي سان منسوب ڪجي ٿو." (21)

غير حقيقي ۽ وڌايل معنيٰ جي استعمال سبب استعارو سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ ڪجھ مشڪل بہ هوندو آهي. محمد حسن عسڪري ان ڳالھ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"استعاري جي معنيٰ سمجهڻ ڏکيو هوندو آهي، ڇو تہ هي پنهنجي ذاتي تجربي ۽ خارجي شين جي وچ ۾ مناسبت ڳولڻ جو هڪ ذريعو آهي. استعاري جو مطلب ٿي اهو آهي تہ ڪائنات ۾ هڪ ئي وقت موجود يا جيڪي هڪجهڙا ۽ مختلف اصول ڪارفرما آهن ۽ جيڪي تضادن جي باوجود بہ هڪ وسيع تر وحدت جي تشڪيل ڪن ٿا، ان کي ظاهري ڪري."

استعاري جا فائدا بيان ڪندي ساڳيو مصنف اڳتي لکي ٿو:

(الف) هن ذريعي ڊگهي ۽ وڏي ڳالھ مختصر لفظن ۾ ادا ڪري سگهجي ٿي.

(ب) رکو ۽ ڦڪو مضمون نهايت آب و تاب سان بيان ڪري سگهجي.

(ت) ڪجھ جذبا ۽ خيال جن جو اظهار عام ٻوليءَ ۾ ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي اهو سڀ نہ صرف استعارو ڪري سگهي ٿو، پر شعر ۾ لطف ۽ اثر پڻ پيدا ڪري ٿو." (22)

يعني "استعارو" اها بيانيہ علامت آهي جنهن جي ذريعي سونهن ۽ وضاحت پيدا ٿئي ٿي. جنهن شيءِ کي مستعار ڪجي ٿو ان جي خاصيتن يا خوبين سان اصل شيءِ جي خوبين کي وڌيڪ طاقتور نموني سان نروار ڪري سگهجي ٿو. ۽ اهو سڀ حقيقي معنيٰ ۾ نہ پر مجازي، غير حقيقي يا تصوراتي معنيٰ سان تعلق رکي ٿو.

عالمن ۽ محققن جو خيال آهي تہ ڪو بہ استعارو جڏهن ساڳي مطلب لاءِ بار بار استعمال ٿئي ٿو تہ ان جي استعاراتي حيثيت ختم ٿي وڃي ٿي ۽ عام لفظ وانگر استعمال ٿيڻ لڳي ٿو.

"ٻوليءَ ۾ ڪيترا اهڙا لفظ هوندا آهن، جيڪي ڪنهن زماني ۾ استعارا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

38. "فيروز اللغات". فيروز سنز (پرائيويٽ لميٽيڊ ) لاھور ڪراچي - پنڊي
ص 61 - 62.

39. عرضي محمد نذير نقشبندي. "مفتاح العلوم" (جلد اول) ص - ديباچہ 9 - 10

40. جعفري سيد جلال الدين احمد. "تسير البلاغت". ص 41.

41. "تحسين اردو". ص 543 - 545

42. سڌايو غلام نبي ڊاڪٽر. "شاھ جي شاعري ۾ علامت نگاري" ص - 132

43. "تعمير ادب". ص 113 - 114.

44. "آفتاب ادب". ص 152، 155

45. "تسير البلاغت". ص 45 - 46

46. شاھواڻي غلام محمد. "شاھ جو رسالو". آفتاب پرنٽنگ پريس شاھي بازار
حيدرآباد 1950ع - ص 610



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

21. سيوھاڻي حڪيم فتح محمد. "آفتاب ادب". 144 - 150
22. "تعمير ادب". ص 107
23. گربخشاڻي ھوتچند مولچند ڊاڪٽر. "شاھ جو رسالو" ٽن جلدن ۾. شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز حيدرآباد سنڌ 1399ھ / 1979ع - ص 246
24. رامپوري مولوي نجم الغني حڪيم. بحر الفصاحت. مطبع منشي نول ڪشور واقع لکنو 1927ع - ص 322
25. سيوھاڻي حڪيم فتح محمد. "آفتاب ادب" ص 138
26. جعفري سيد جلال الدين احمد. "تسير البلاغت". ص 129 - 130
27. عرشي نقشبندي مجددي مولانا محمد نذير. "مفتاح العلوم". (جلد اول) شرح مثنوي مولانا روم. شيخ غلام علي اينڊ سنز. ڪشميري بازار لاھور (ديباچو) ص 9.
28. "تعمير ادب". ص 108 - 109
29. جعفري سيد جلال الدين احمد. تسير البلاغت ص 130 - 132
30. جعفري سيد جلال الدين احمد. "تسير البلاغت" ص 130 - 132
31. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر. "بيلاين جا ٻول". پيو چاپو. زيب ادبي مرڪز حيدرآباد. 1970ع - ص 4.
32. آڏواڻي ڪلياڻ. "شاھ جو رسالو" مڪتب برھان اردو بازار ڪراچي - ص 67
33. نظاماڻي الھ بخش. "لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ". انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو - مقدمہ ص - ھ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پاڃو ڀيو - باب پهريون

## شاهه لطيف رح جي
## دور جون ادبي روايتون ۽
## سندس شعر تي انهن جو اثر

(1) هنديءَ جو اثر
(2) عربيءَ جو اثر
(3) فارسيءَ جو اثر

هڪ قدرتي چمن زار آهي ملڪ سڄو گلن سان پريو پيو آهي، قدم قدم تي پاڻيءَ جا چشما، چوڏاري آبشار آهن. بهار آيو تہ سڄي ڌرتي جهڙي زمرد جو تخت بڻجي ويندي، ان ساوڪ سبزي مان گهلندڙ هوا جا جهوٽا، خوشبوءِ جي هٻڪار، بلبلن جو چهڪو، مور جو ٻولڻ ۽ آبشارن جو شور اهڙو نظارو پيش ڪري ٿو جيڪو ايران کان سواءِ ڪٿي بہ نظر نہ ٿو اچي." (53)

ان سونهن ۽ سوڀيا واري ماحول اتان جي ماڻهن ۾ بہ اهڙا ئي امنگ ۽ انداز پيدا ڪيا. فارسي شاعريءَ جو مک موضوع مجازي عشق هو. جنهن ۾ شراب خوري، حسن پرستي (بلڪ جسم پرستي وڌيڪ مناسب ٿيندو) ۽ عيش پرستي جو کلم کلا اظهار هوندو هو ۽ ان سلسلي ۾ فارسي شاعريءَ جو اهو بہ مزاج رهيو آهي جو ان ۾ صرف عورتن جي حسن ۽ عشق جو ئي بيان نہ پر مردن يا نوجوان حسين ڇوڪرن سان عشقيہ تعلقات ۽ عيش و عياشيءَ جا واقعات بہ بيان ٿيل هوندا آهن. ان کان علاوہ فارسي شاعر حاڪمن ۽ اميرن جي شان ۾ قصيدا لکي، انهن کان پنهنجا دلپسند دان وٺندا هئا ۽ نہ ملڻ تي فورن انهن تي هجويہ ڪلام لکي وٺندا هئا. (54)

انهن سڀني ڳالهين هوندي بہ فارسي شاعريءَ جو سڀ کان اهم موضوع "تصوف" ئي رهيو آهي جنهن هن ٻوليءَ جو مان مٿانهون ڪيو. هن موضوع تي پهريون شاعر هو ابوسعيد ابوالخير ۽ ان کان علاوہ حڪيم سنائي، خواجہ فريد الدين عطار، محمود شبستري، جامي، حافظ شيرازي مولانا جلال الدين رومي وغيرہ اچي وڃن ٿا. (55)

برصغير جي علائقي ۾ بہ، تصوف جي فلسفي کي متعارف ڪرائڻ وارا فارسي شاعر ۽ عالم هئا. شاهہ لطيف جي ڪلام جو روحاني مطلب سڄو تصوف جي بنياد تي آهي. فارسي شاعريءَ جو اهوئي واحد اثر آهي جيڪو شاهہ سائينءَ قبوليو آهي بلڪ ان ڏس ۾ بہ جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي اڳاٽن شاعرن جي ملندڙ چند شعرن تي بہ غور ڪبو تہ تصوف انهن جي بہ شعر ۾ موجود آهي. صوفيانہ شاعريءَ ۾ شاهہ سائينءَ مولانا روم جي مثنوي جو نهايت باريڪ بيني سان مطالعو ڪيو ٿو ڏسجي پر صوفيانہ رمزن کي سمجهائڻ لاءِ هن نہ تہ فارسي شاعريءَ جا خيال نقل ڪيا ۽ نہ ٻيون شاعرانيون صنعتون. حقيقت ۾شاهہ لطيف جي عظمت ۽ پسنديدگيءَ جو اهوئي سبب آهي جو هن پنهنجي ديس جي عام طبقي سان تعلق رکندڙ ٻولي استعمال ڪئي حالانڪ سندس ان سادگيءَ واري اظهار کي ڪٿي ڪٿي ڊاڪٽر سورلي تنقيد جو نشانو بڻائي ٿو ۽ فارسي شاعرن سان ڀيٽيندي لکي ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ديس وارن جي ٺيٺ ٻوليءَ ۾ ادا ڪيو. ان لاءِ هن ڪنهن بہ غير ملڪي ٻوليءَ توڙي شاعر جو ڪو اثر نہ قبوليو. ايئن ناهي تہ ڪو هن کي انهن جي باري ۾ ڄاڻ ڪانہ هئي. پر ان لاءِ تہ هن کي پنهنجي ٻوليءَ ۽ پنهنجي علائقائي حالتن کي مدنظر رکندي، پنهنجي عوام کي مخاطب ڪرڻو هو.

ڊاڪٽر سورلي لکي ٿو:

"He has complete command of the ideas that live in the greatest of the Persian poets, he feels in himself the power not so much to expatiate on these to use the shorter love songs to convey the impression by suggesting the backgrund of solemn reality which can give a deep meaning to the most trivial occurrences of daily life. But every one familiar with the Persian poets will be able to find in Shah Abdul Latif clear evidence that his thought is compact throughout of the same intellectual material as has been used with supreme skill by masters like Jalaluddin Rumi and Jami." (58)

(هن کي پنهنجي شاعرانہ خيالن تي، عظيم فارسي شاعرن وانگر مڪمل ضابطو حاصل آهي، هن کي پنهنجي تصور جي اظهار تي ايترو تہ عبور حاصل آهي جو هو ڳالهہ کي ڊيگهہ ڏيڻ بدران ان کي ننڍڙن پيار ڀرين گيتن ۾ سمائي ان کي حقيقتن جي پسمنظر ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جن ماڻهن فارسي شاعرن جو مطالعو ڪيو آهي سي اهو سمجهي سگهندا تہ شاهہ لطيف، مولانا رومي ۽ جامي جهڙن شاعرن جي اعليٰ ذهني ڪاوشن کي پنهنجي طريقي سان بيان ڪرڻ ۾ ڪامياب نظر اچي ٿو.)

فارسي زبان ۽ شاعريءَ جي ان عمومي اثر جي مختصر جائزي کان پوءِ، استعاري ۽ تشبيهہ جي صنعتي استعمال جي شاهہ جي شاعريءَ تي اثر جو خصوصي جائزو پيش ڪجي ٿو. هن دور جي شعر و ادب تي فارسي زبان جي غلبي جو اثر تہ اڳ بيان ٿي چڪو آهي. سنڌ جا شاعر ان ادبي روايت جي پاسداري ڪندي اهو بہ نہ ڏسندا هئا تہ هو جن شين کي استعاري يا تشبيهہ ۾ استعمال ڪن ٿا اهي سنڌ ۾ آهن بہ يا نہ! اها روايت فارسي دان حڪمرانن جي وٺي کان پوءِ بہ زورن تي رهي، بلڪ اڄ ڏينهن تائين بہ ٿوري گهڻي هلندي پئي اچي. سنڌ جا شاعر ڏاڍي روانيءَ سان سوسن، سنبل، نرگس، زعفران وغيره جهڙن تشبيهن ڏيندا رهيا آهن، جن جو استعمال مقامي ماحول جي لحاظ کان ڪنهن بہ نموني جي علمي يا عقلي قابليت ۾ شمار نہ ٿو ڪري سگهجي پر شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ اهڙو ڪوبہ عيب نہ آهي.

ڪلياڻ آڏواڻي لکي ٿو:

"شاهہ تشبيهون بہ اهي ڪم آنديون آهن، جيڪي ديس جي حالتن مطابق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجي. پر ڪٿي بہ سنڌس نسواني حسن کي، جنسي جذبات ڀڙڪائڻ جهڙيون تشبيهون نہ ٿو ڏئي. بلڪ فارسي شاعرن وانگر هيروئن جي انگ انگ ظاهر ڪرڻ ۽ بوس و ڪنار جو عالم ڏيکارڻ بدران شاهہ سائين ان کي سهڻي لباس ۾ ڍڪيل ڏيکاري ٿو. سڄي رسالي ۾ اهڙا بي شمار بيت ملندا. مارئيءَ جي حسن کي هو وڄ جي وراڪي سان ڀيٽي ٿو:

پکــي ۾ پدمڻــي، ڪــر ڏنــي وراڪــا وڄ
جهڙي صورت سڄ، تهڙي مورت مارئي (63)

يعني پکي ۾ اندر بہ هن جو حسن ڪنوڻ وانگر ٻاهر تائين تجلا پيو ڏئي، جهڙو سڄ جو اهاءُ آهي تهڙو مارئي جي صورت ۾ تجلو يا شعاع آهي. اهڙي طرح سهڻن نيڻن ۽ نگاهن لاءِ سر مومل راڻو ۾ ڪٿي هو اکين کي رڪ جي کهاڙين سان ٿو ڀيٽي جيڪي انهن حاڪمن جو قتلام ڪن ٿيون جيڪي سندس ديد جا طالب آهن. تہ ڪٿي مومل جي نيڻ نهار کي الماس ۽ انبور سان مستعار ڪري ٿو جو جن ڏي ٿي نهاري تن کي وڍي ڪٽيو ڇڏي. ان کان علاوه وصل ۽ ميلاپ جا منظر بہ فارسي شاعري ۾ بلڪ کليل ۽ عريان تشبيهن ذريعي بيان ٿيا آهن پر شاهہ سائين سر سهڻي، مومل راڻو، ڪاموڏ، سارنگ، وغيره ۾ نهايت ڳجهي ۽ مانيٽي انداز ۾ سپڪ ۽ سهڻين تشبيهن ذريعي بيان ڪري ٿو. (تفصيل متعلق سرن ۾ ايندا)

تشبيهہ ۽ استعاري جي استعمال جي لحاظ کان فارسي شاعريءَ سان هن ڀيٽ ۾ شاهہ سائينءَ جي ڪلام جي پرک ۽ پروڙ ڪندي اهو ڏسجي ٿو تہ پاڻ پنهنجي ڪلام ۾ هر لحاظ کان اها ڪوشش ڪئي اٿس تہ ان ۾ لب و لهجو، زبان ۽ بيان، منظر نگاري، فني گهاڙيٽا، ٻوليءَ جون خوبيون وغيره مقامي هجن. شعر، اظهار جو اهو حساس ذريعو آهي جيڪو تمام تر لفظي توڙي معنوي خوبين سان پنهنجي ئي ماحول مان اُساهت لئي ٿو. ڊاڪٽر گربخشاڻي هڪ هنڌ لکيو آهي تہ: "شاهہ فارسي غزل جو ڪٿي بہ تتبع نہ ٿو ڪري، سندس طريقو هر طرح نئون آهي ۽ سنڌ جي حالتن تي پورو، سندس اشارا، ڪنايا، تشبيهون ۽ استعارا سڀ مڪاني حالتن مطابق آهن."

يعني شاهہ سائينءَ جي ڪلام ۾ سنڌي سماج جي پسمنظر ۾ سنڌي زبان جون لاتيون ملن ٿيون، جيڪي غيرن جي اثرن کان بلڪل آجيون، نج ۽ سچيون آهن. اهوئي سبب آهي جو انهن سنڌي ماڻهن جي دلين ۾ واسو ڪيو ۽ انهن وٽ شاهہ جي ڪلام لاءِ محبت، عزت ۽ عقيدت واري جذبي ۾ اڻتڪل اڌائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سو سال گذرڻ کان پوءِ بہ ڪا ڪمي نہ آئي آهي بلڪ ان ۾ اضافو ٿيو آهي، نہ نہ انهن اڳاٽي صدين ۾ سنڌ ۾ بيشمار شاعر پيدا ٿيا. پر انهن مان سواءِ چند جي ٻين جو ڪلام عوام جي دلين ۾نہ پر ڪتابن جي صفحن جي زينت بنجي ويو. بهرحال پاڻ پنهنجي دور جي شعر و ادب ۾ رائج روايتن کان بلڪل هٽي نہ لنگهيو پر انهن جو ڪجھ ڪجھ اثر قبول ڪيو ائين.

بقول ڊاڪٽر تنوير جي:

"شاھ لطيف بہ پنهنجي شاعريءَ جي اوائلي دور ۾. انهن سڀني ادبي لاڙن جو اثر قبول ڪيو ۽ پوءِ سنڌس شاعري اڳتي هلي، بلوغت کي پهچي، انهن سڀني روايتن کي پٺتي ڇڏي، پنهنجو نرالو ۽ انوکو رستو گهڙي، انهن روايتن جي ميلاپ سان ڪلاسيڪي ادب ۾ پنهنجو انفرادي مقام پيدا ڪيائين." (64)

## حوالا - پاڳو پيوءِ باب پهريون


1. عباسي تنوير، "شاھ لطيف جي شاعري"، ٽن جلدن ۾، نيوفيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ 1989ع - ص 210

2. ساڳيو - ص 210.

3. Sorley H.T, "Shah Abdul Latif of Bhit", Oxford University Press Pakistan Branch. Reprinted 1966, Karachi P:169

4. جوڻيجو عبدالجبار، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، روشني پبليڪيشنس ڪنڊيارو 1994ع - ص 42.

5. ساڳيو - ص 46.

6. عباسي تنوير، "شاھ لطيف جي شاعري" (ٽن جلدن ۾) ص 210-

7. جوڻيجو عبدالجبار، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، ص 36.

8. بلوچ نبي بخش خان، "سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جو لاڳاپو" (مقالو)، ٽہ ماهي مهراڻ، 1-1955ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ص 117.

9. عباسي تنوير، "شاھ لطيف جي شاعري" ٽن جلدن ۾، ص 232

10. پاوناڻي جهمٽ مل خوبچند، "شاھ جي شعر جي بناوت تي هڪ نظر"، (مقالو) ٽہ ماهي مهراڻ، سيارو 1 - 1955، ص 120 - 121

11. ساڳيو ص 121 - 137

12. گربخشاڻي هوتچند مولچند، "شاھ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) ص 231




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

56. Sorley, H.T, "Shah Abdul Latif of Bhit", P: 243.
57. Sorley, H.T, "Shah Abdul Latif of Bhit", P: 245
58. Same, :: 208 - 245

59. آڏواڻي ڪلياڻ. "شاهہ جو رسالو". ص 13 - 14
60. جوڻيجو عبدالجبار "سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر" پي ايچ ڊي ٿيسز. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. سنڌ يونيورسٽي پريس ڄامشورو 1980ع - ص 26.
61. گرامي غلام محمد. "مشرق شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات". ص 49.
62. ساڳيو - ص 49.
63. حسين فهميده. ڊاڪٽر - شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ. ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز. ڀٽ شاهہ. 1992
64. عباسي تنوير. شاهہ لطيف جي شاعري (ٽن جلدن ۾)






www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# پاڃو ڀيو ۽ باب ڀيو

## مولانا جلال الدين روميءَ
## جو شاهه لطيف تي اثر

(الف) مولانا روميءَ جي صوفيانه شاعريءَ جو شاهه تي اثر

(ب) استعاره ۽ تشبيهه نگاريءَ جي لحاظ کان مولانا روميءَ جو شاهه لطيف تي اثر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (ب) استعارہ ۽ تشبيهہ نگاريءَ جي لحاظ کان مولانا رومي جو شاهہ لطيف تي اثر:

مولانا روميءَ جي مثنويءَ جي ابتدا جنهن شعر سان ٿئي ٿي ان ۾ هن بانسريءَ کي انسان جي روح لاءِ مستعار ڪيو آهي:

بشنو از ني چون حکايت مي کند
از جدائيها شکايت مي کند.

(ٻڌ بانسري کان تہ ڪهڙو احوال ٻڌائي ٿي، هجر ۽ فراق جي ڪهڙي شڪايت ڪري ٿي). مفتاح العلوم جلد اول ص 24)

ان بابت "شرح مثنوي مولانا روم. مفتاح العلوم" ۾ بيان ٿيل آهي تہ هن بيت ۾ مولانا "ني" يعني بانسري کي روح انساني لاءِ استعارہ بالتصريح طور ڪم آندو آهي. (مفتاح العلوم جلد اول ص 24)

بانسري، جيڪا بانس جي پوري ڪاٺيءَ مان ٺاهي ويندي آهي سا پنهنجي اصل کان ڪٽجي ڌار ٿيڻ تي جدائيءَ ۾ درد ڀريون دانهون ڪري ٿي. مولانا "مثنوي" جي "دفتر اول" ۾ لڳاتار اٺويهہ بيت ان موضوع تي چيا آهن. سيني مسلم صوفين قرآن پاڪ جي آيت "الست بربڪم" (ڇا نہ آهيان مان تنهنجو رب) "قالو بليٰ" (چيائون، هائو) کي ان فڪر جو بنياد بنايو آهي تہ هن دنيا جي تخليق کان اڳ الله پاڪ روح خلقي، انهن کان پنهنجي ربوبيت جو عهد ورتو هو ۽ روحن ان جي مالڪيءَ جو اقرار ڪيو هو. ان بعد جڏهن انهن روحن کي الڳ ڪري هن جهان ۾ موڪليو ويو تہ اهي پنهنجي اصل وطن وڃڻ لاءِ واجهائيندا ۽ پنهنجي مالڪ سان ملڻ لاءِ تڙپندا رهن ٿا.

مولانا رومي چوي ٿو:

هر ڪسي ڪو دور ماند از اصل خويش،
باز جويد روز گار وصل خويش.

(جيڪو شخص پنهنجي اصل (پاڙ، نسب) کان پري ٿي وڃي ٿو، اهو وري پنهنجي اصل سان هڪ ٿيڻ جا ڏينهن ڳولي ٿو) مفتاح العلوم جلد اول ص 26)

شاهہ لطيف ان مضمون کي سر معذوري ۾ بيان ڪيو آهي:

وڍيل ٿي وايون ڪري، ڪنل ڪوڪاري،
هن پڻ پنهنجا سا ڀيا، هوءِ هنجون هڻن لاءِ هاري

(شاهوائي - ص 366)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي وڏن وڏن شهرن ۾ اوچي طبقي جي ماڻهن سان گڏ گذري. ان ڪري هن استعاري ۽ تشبيھ وغيرہ جي صنعتن ۾ اهڙين شين جو استعمال ڪيو جيڪي امير رهڻي ڪهڻي ۽ وڏن شهرن سان تعلق رکن ٿيون. ان جي برعڪس شاھ لطيف هڪ وچولي بلڪ نسبتن غريب گهراڻي ۾ ٻهراڙيءَ ۾ پيدا ٿيو. اتي پليو ۽ نپنو. ٻنهي سادي ۽ ٺاھ ٺوھ کان آجي رهڻي رهيو. غريب، مسڪين، محنت ڪش ماڻهن سان اٿيو ويٺو. ان ڪري سندس شاعريءَ ۾ زبان توڙي صنعتي استعمال ٻہ نج ٻهراڙيءَ جي پس منظر ۾ آهي. توڙي جو ڪافي شيون اهڙيون آهن، جيڪي ٻنهي شاعرن جي ڪلام ۾ استعمال ٿيون آهن. پر انهن جي بيان ۽ مطلب يا مقصد ۾ فرق آهي.

مولانا رومي ۽ شاھ لطيف ٻنهي "حمام" (وهنجڻ جي جاءِ) هن دنيا لاءِ مستعار ڪئي ٿا. پر پوءِ بہ ان جو استعمال پنهنجي ماحول مطابق ڪيو آهي. ڊاڪٽر اينميري شمل لکي ٿي تہ مولانا رومي حمام (Bath house) ۽ ان ۾ وهنجڻ جو ذڪر ڪافي هنڌن تي ڪيو آهي پر هن ان جي گرم گرم پاڻيءَ سان وهنجڻ ذريعي لطف اندوز ٿيڻ (سخت سرد ماحول هٿڻ ڪري) ۽ حمام جي ديوارن تي ٺهيل تصويرن مان وهنجندڙن جي محظوظ ٿيڻ جو ڪافي تفصيلي ذڪر ڪيو آهي ۽ وري ساڳي وقت ان وهنجڻ کي هو روحاني صفائيءَ لاءِ بہ مستعار ڪري ٿو. (5)

"مثنوي معنوي" جي "دفتر ششم" ۾ مولانا حمام ۾ وهنجندڙ هڪ نوجوان کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو:

پيش صورتهائي حمام اي ولد!
عرض ڪردن هيچ سيم اندام خود

(مثنوي معنوي دفتر ششم - ص 27)

يعني اي نوجوان (فرزند) حمام جي تصويرن آڏو، تو ڪڏهن پنهنجو چانديءَ جهڙو جسم پيش ڪيو آهي؟ اڳتي چوي ٿو تہ حمام جي ديوارن تي تمام حسين ۽ جوانيءَ سان ڀرپور دوشيزائن جون تصويرون اڪريل آهن. پر تون انهن ڏانهن وڃڻ بدران عمر رسيدہ عورتن ڏانهن مائل ٿئين ٿو. ان ڪري جو هنن تصويرن وٽ روح ۽ عقل نہ آهي پر هنن عورتن وٽ روح ۽ عقل موجود آهي.

پر شاھ لطيف پنهنجي گرم علائقي جي پس منظر ۾ گرم پاڻيءَ جي حمام کي سچن سالڪن لاءِ سخت آزمائش جي جڳھ طور مستعار ڪري ٿو.

سر "سسئي آبري" ۾ چوي ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

5. Schimmel Annemarie, "The Triumphal Sun: A study of the works of Jalauddin Rumi" London, Hague, 1980 P: 37

6. Sorley H.T, "Shah Abdul Latif of Bhit", P: 286

7. Schimmel mnnemarie, "The Triumphal Sun". P:105

8. Same P: 117.

9. Same PP: 61-63

10. Same PP: 149-150

11. William C. Chittic, "The Sufi path of love, the spritual teachings of Rumi", P: 142

12. Schimmel Annemaric, "The Triumphal sum", P: 77

13. Same P: 77

14. راشدي حسام الدين، "لطيف سالگره مخزن"، ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد، پاڪستان، 1964ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پاڃو ٽيون

# شاھہ لطيف جي شاعريءَ ۾ استعاره ۽ تشبيهه نگاريءَ جو تحقيقي اڀياس

تعارف

باب پهريون

سر ڪلياڻ کان سر بلاول تائين (ٽيهہ سر)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حوالا - ٻاڳو ٽيون

## تعارف


(1) نعماني شبلي علامه (مؤلف) "شعر العجم". جلد اول نيشنل بک فائونڊيشن، اسلام آباد 1972ع - ص 93.

2 Nicholsom, Ronald Alleyne, "Selected poems from the Diwan-e-Shams Tabrez "Cambridge 1961, Introduction Page: XXXVI

3. Sorley, H.T, "Shah Abdul Latif of Bhit" Paksitan Branch, Oxford University Press, Military and Civil Press Karachi, reprinted 1966, Page: 263

4. Same, Page 264.

5. Same, Page 264-265.

6. Same, Page 203.

7. Same, Page 204.

8. Same, Page 205-206

9. Same, Preface P: VII

10."Chambers Twenteeth Century Dictionary" (Revised Edition) Edited by A.M. MacDonald, W&R Chambers Ltd: 1977, Page, 240.

11.Flower H.W and Flower F.G, "The Concise Oxford Dictionary of Current English", (5th Edition) Oxford University Press, Page 220

12. جالبي جميل، "ارسطو سي ايليٽ تڪ"، نيشنل بک فائونڊيشن، پريس ٽرسٽ هائوس، ڪراچي 1975ع، ص 336 کان 339.

13. Legouise Emile and Cazamian Louis and Raymond Lasvergness, "A History of English Literature" (Revised Edition) J.M. Dent & Sons Ltd: 1967, Page 711.

14. Agha Muhamamd Yaqoob, "Shah Abdul Latif Bhiati, the Poet", Sindh Quarterly Vol: VI, No.4, 1978. Herald Press Karachi, Page 24.

15. Same, Page 25.

16. نعماني شبلي علامه، "سوانح مولانا روم"، مرتب سيد عابد علي عابد، مجلس ترقي ادب لاهور 1961ع - ص 106 - 107.

17. Sorely, H.T. "Shah Abdul Latif of Bhuit", Page 202.

18. علوي شفيع احمد "شاهه جي ڪلام ۾ اشاريت" (مضمون) ماهوار زندگي-ص 5

19. جوڻيجو عبدالجبار، "سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر"، پي ايچ ڊي ٿيسز، انسٽيٽيوٽ آ سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي پريس، ڄامشورو 1980ع - ص 166




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريان ڪاتي پاءِ، پڇج پوءِ پريتڙو
ڏک پريان جو ڏيل ۾، واڄٽ جنهن وڃاءِ
سيخن ماهه پڇاءِ، جي نالو ڳيڙهه نيهه جو.

(گربخشاڻي - ص 86 بيت 10)

"ڪاتي پاءِ سر تي ڪاتي وهاءِ، يعني پنهنجي خودي ناس ڪر." (11)

هن بيت ۾ "ڪاتي پائڻ" شاهه سائين خوديءَ کي مارڻ، نفس کي نهوڙڻ، سڌون مارڻ لاءِ مستعار ڪيو آهي. جيڪو عشق حقيقيءَ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ سالڪ تي پهريون شرط آهي.

اڳيان اڏن وٽ، پونين سر سنباهيا
ڪاٽ تہ پوءِ قبول ۾، مڇڻ پائيين گهٽ
مٿا مهاين جا، پٿا نہ ڏسين پٽ
ڪلاڙڪي هٽ، ڪسڻ جو ڪوپ وهي.

(گربخشاڻي - ص 83 بيت 17)

جي اٿي سڪ سرڪ جي، تہ ونءُ ڪلاڙن ڪاٿي
لاهي رک لطيف چي، مٿو وٽ ماٿي
تک ڏيئي پڪ پي تون، گهوٽ منجهان گهاٽي
جو ورنهه وهائي، سو سر وٽ سرو ساهنگو.

( گربخشاڻي - ص 87 بيت 18 )

جي اٿي سڌ سرڪ جي، تہ ونءُ ڪلاڙڪي مٽ
لاهي رک لطيف چي، مٿو ماٿي وٽ
سر ڏيئي ۾ سٽ، پيج ڪي پياليون.

(گربخشاڻي - ص 87 بيت 19)

جي اٿي سڪ سرڪ جي، تہ ونءُ ڪلاڙڪي گهر
وڍڻ، چيرڻ، چچرڻ، پهت انين جي پر
جي وٽي پوئي ور، تہ سهنگي آهه سيد چي.

(گربخشاڻي - ص 87 بيت 21)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استعاري طور استعمال ٿيل آهي.

سوريءَ سڏ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون
وڃڻ تن پٺو، تالو نيھ ڳنن جي.
(بيت 3)

سوري سڏ ڪري، ايبي عاشقن کي
جي اٿي سڏ سڪڻ جي، تہ ڪو مَ، پير پري
سسي ڏار ڌري، پڇج پوءِ پريتڙون.
(بيت 4)

سوري آهِ سينگار اڳهين عاشقن جو
مڙڻ موٽڻ ميهڻو، ٿئا نظاري نروار
ڪسڻ جو قرار، اصل عاشقن کي.
(گربخشاڻي - ص 85 بيت 5)

سوري سينگاري اصل عاشقن کي
لڏئا ڪين لطيف چي، ٿئا نيزي نظاري
ڪرنئو ڪناري، آٿئو چاڙهي ان کي.
(گربخشاڻي - ص 85 بيت 6 )

سوريءَ مٿي سيڻ کهڙي ليکي سنرا
جيلهہ لگا نيڻ، تي سوريائي سيج ٿي.
(گربخشاڻي - ص 86 بيت 7 )

سوريءَ چڙهڻ، سيج پسڻ، اي ڪم عاشقن
پاهون ڪين پسن، سائو هلن سامهان.
(گربخشاڻي - ص 86 بيت 8 )

سوريءَ جي سو وار، ڏيهاڙئو چنگ چڙهيين
جم ورجي چڏيين، سڪڻ جي پچار
پرت نہ پسين پار، نيھ جٺائين نگٿو.
(گربخشاڻي - ص 86 بيت 9 )



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6. گربخشاڻي هوتچند، مولچند شاهه جو رسالو، ص 211
7. آغا محمد يعقوب (مقالہ نگار) "Sind Quarterly Vol: VI" نمبر 4 - 1978ع، هيرالڊ پريس ڪراچي - ص 24
8. انصاري محمد بخش (سر ڪنيات جو فلسفو)، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چوندڊ مضمون، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي ڀٽ شاهه 1418ھ - 1997ع - ص 83
9. ساڳيو، ص 84.
10. قاضي سجاد حسين (مترجم)، "مثنوي مولوي معنوي" (جلد دوم) فريد بڪ اسٽال 40 اردو بازار لاهور، ص 29.،
11. لالواڻي ليلارام وطن مل، "The Life, Religion & Poetry of Shah Latif" سنگ ميل پبليڪيشن، لاهور 1987ع - ص 60.
12. گربخشاڻي هوتچند مولچند، "شاهه جو رسالو"، ص 214
13. ساڳيو
14. ساڳيو
15. "القرائد الدريۃ في الرغتين العربيہ والانڪليريۃ" طبع في البيروت 115 - ص 214



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سر بابت غلام مصطفيٰ قاسمي لکي ٿو:

"ڀٽائي صاحب انساني فطرت ۽ نيچر کي ترنڊڙ ٻيڙيءَ سان تشبيھ ڏني آهي ۽ نصيحت ڪري ٿو تہ سلوڪ جي سفر جي سانباهي ڪان اڳ ضروري آهي تہ فطرت جي، آس پاس جي خيالن، خطرن، دنياوي محبت ۽ مشغولين جي جيڪا ڪٽ مٿس چڙهي وئي آهي، ان کي ڌوئي صاف ڪري، عقل ۽ فڪر جا سڙھ ساڄا ڪري نقل ۽ روايت جا نوان لاڄو ٻڌي اڳتي وڌي." (18)

# حوالا - سر سريراڳ


1. گربخشاڻي هوتچند مولچند (مهمتم) "شاھ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾)، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد سنڌ 1399ھ - 1979ع - ص 223
2. نقوي سيد منظور (مضمون نگار) شاھ عبداللطيف چونڊ مضمون، شاھ عبدالطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاھ، 1418ھ - 1997ع - ص 119
3. گربخشاڻي هوتچند مولچند، "شاھ جو رسالو"، ص 224
4. ساڳيو، ص 225
5. ساڳيو، ص 225
6. "ساڳيو، ص 225
7. ساڳيو، ص 230
8. ساڳيو، ص 230
9. ساڳيو، ص 231
10. ساڳيو، ص 233
11. ساڳيو ص 235
12. ساڳيو، ص 235
13. ساڳيو، ص 236
14. ساڳيو، ص 237
15. ساڳيو، ص 240
16. ساڳيو، ص 240
17. آڏواڻي ڪليان، شاھ جو رسالو مڪتبہ برهان، اسحاقيہ پرنٽنگ پريس اردو بازار ڪراچي 1976ع - ص 67
18. قاسمي غلام مصطفيٰ (مرتب) شاھ جو رسالو بشير اينڊ سنز جهونا مارڪيٽ ڪراچي 1951ع - ص 24




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داستان ٽيون – وائي: 1، ٿل:

ٿل: اڄين اچي پسو جيڏيون! وو! هي جو وه مهنجي چنڊڙي

هن وائي جي آخري مصرع آهي.

منداڻي مينهه جنءَ، ويروتار وسو

(گربخشاڻي – ص 143)

"ويرو تار وسو – هميشه هنجون پيون هاريو "(13)

هن وائيءَ ۾ وڻجاري جي گهرواري پنهنجي سرتين کي چوي ٿي تہ اچي پاڻ ڏسو تہ منهنجي جند جان سان کهڙي ويڏن آهي. هن ئي وائيءَ جي اڳ آيل مصرع ۾ چوي ٿي:

ساءُ نہ آيان سور جو، هاڻي ليون هسو

يعني توهان اهو ڏک ڏٺو ئي ناهي، ان سور جو ذائقو (سڄڻ کان جدائيءَ جو) چکيو ئي نہ اٿو تڏهن ليون کلو ۽ چٿرون کريو. پر جي اهڙي ويڏن ڏسو تہ هوند منداڻي مينهن وانگر پيون وسو. يعني ڳوڙها ڳاڙيو. روڄ راڙو ڪيو.

مسلسل روئڻ ۽ ڳوڙهن ڳاڙڻ کي منداڻي مينهن جي وسڪاري سان تشبيهه ڏني وئي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حوالا - سر سھڻي


1. قاسمي غلام مصطفيٰ (مرتب) "شاھ جو رسالو". بشير احمد اينڊ سنز، جھونا مارڪيٽ ڪراچي 1951ع - ص 26.
2. گربخشاڻي ھوتچند مولچند (مھتمر) "شاھ جو رسالو". ٽن جلدن ۾ شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد ص 391.
3. شيخ محمد ابراھيم "خليل". مضمون نگار، "شاھ عبداللطيف ڀٽائي چونڊ مضمون" ص 137 - 138.
4. گربخشاڻي ھوتچند مولچند، "شاھ جو رسالو" ٽن جلدن ۾ ص 394.
5. ساڳيو ص 397.
6. ساڳيو ص 399.
7. ساڳيو ص 403.
8. ساڳيو ص 403.
9. شھواڻي غلام محمد "شاھ جو رسالو" ص 316.
10. گربخشاڻي ھوتچند مولچند "شاھ جو رسالو" ٽن جلدن ۾ ص 415.
11. ساڳيو ص 417.
12. ساڳيو ص 398.
13. ساڳيو، ص 399.
14. "الفرائد الدرية في الفتين العربيہ والانڪليريۃ" عربيڪ انگلش ڊڪشنري طبع في البيروت 1915ع ص 17.
15. گربخشاڻي ھوتچند مولچند، "شاھ جو رسالو" ٽن جلدن ۾ ص 32.
16. ساڳيو ص 401.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حوالا - سر سسئي آبري


1. شاهواڻي غلام محمد، "شاهه جو رسالو". آفتاب پرنٽنگ پريس حيدرآباد سنڌ، 1950ع - ص 327.
2. گربخشاڻي هوتچند مولچند، "شاهه جو رسالو" ٽن جلدن ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد ص 437.
3. شيخ عبدالعزيز (مضمون نگار). "شاهه عبداللطيف ڀٽائي چوند مضمون". شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه - ص 455.
4. بلوچ داؤد، "سر سسئي آبريءَ جو مطالعو "شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه حيدرآباد سنڌ 1976ع - ص 31.
5. ساڳيو، ص 250
6. ساڳيو، ص 455
7. ساڳيو، ص 257
8. ساڳيو ، ص 257
9. ساڳيو، ص 459
10. ساڳيو، ص 465
11. ساڳيو، ص 446
12. ساڳيو، ص 456
13. ساڳيو، ص 450.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حوالا - سر ديسي

1. آڏواڻي ڪلياڻ، شاهه جو رسالو، مڪتبهِ برهان، اسحاقيه پرنٽنگ پريس، اردو بازار ڪراچي 1976ع - ص 167.
2. شاهواڻي غلام محمد، "شاهه جو رسالو"، آفتاب پرنٽنگ پريس شاهي بازار حيدرآباد سنڌ 1950ع - ص 695.
3. گربخشاڻي هوتچند مولچند، "شاهه جو رسالو"، ٽن جلدن ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد سنڌ ص 484.
4. ساڳيو، ص 490.
5. ساڳيو، ص 489.
6. آڏواڻي ڪلياڻ، "شاهه جو رسالو"، ص 167.
7. گربخشاڻي هوتچند مولچند، "شاهه جو رسالو" ص 492
8. ساڳيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حوالا - سر حسيني


1. هوتچند مولچند گربخشاڻي - "شاهہ جو رسالو"، ٽن جلدن ۾، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد سنڌ 1399هہ - 1979ع - ص 502
2. سيد در شهوار "The Poetry of Shah Abdul Latif" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو - حيدرآباد 1988ع - ص 153 - 158.
3. ساڳيو
4. گربخشاڻي هوتچند مولچند، "شاهہ جو رسالو" ص 505.
5. ساڳيو، ص 507.
6. ساڳيو، ص 503.
7. ساڳيو، ص 505.
8. ساڳيو، ص 505.
9. ساڳيو، ص 510 - 511.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حوالا - سر ليلا چنيسر

1. لالواڻي ليلا رام وطن مل "The Life, Religion & Poetry of Shah Latif" سنگ ميل پبليڪيشن لاهور 1987ع - ص 64.

2. "لطيف سالگره مخزن 209 ورسي"، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد، پاڪستان 1961ع - ص 68 - 69.

3. "شاهہ عبداللطيف ڀٽائي - چونڊ مضمون"، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ 1418هہ - ص 218.

4. گربخشاڻي هوتچند مولچند، "شاهہ جو رسالو"، ٽن جلدن ۾، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد ص 614 - 615.

5. آڏواڻي ڪلياڻ، "شاهہ جو رسالو" اسحاقيہ پرنٽنگ پريس ڪراچي، 1976ع - ص 225.

6. گربخشاڻي هوتچند مولچند، "شاهہ جو رسالو" ص 523

7. ساڳيو، ٽن جلدن ۾ ص 625.

8. ساڳيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حوالا - سر مومل راڻو


1. "يادگار لطيف". لطيف يادگار ڪائونسل حيدرآباد سنڌ 1960ع ص 6.
2. آڏواڻي ڪلياڻ، "شاھ جو رسالو". مڪتب برهان، اسحاقيہ پرنٽنگ پريس ڪراچي - 1976ع - ص 235.
3. گربخشاڻي هوتچند مولچند، "شاھ جو رسالو". ٽن جلدن ۾. شاھ عبداللطيف ڀٽائي ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد. ص 645.
4. "نذر لطيف. محڪمہ اطلاعات سنڌ 1954ع - ص 182.
5. لالوڻي ليلا رام وطن مل "The Life, Religion & Poetry of Shah Latif" سنگ ميل پبليڪيشن لاهور 1987ع - ص 177.
6. گربخشاڻي هوتچند مولچند، "شاھ جو رسالو". ص 651.
7. ساڳيو. ص 653.
8. ساڳيو. 659 ۽ 660
9. ساڳيو. ص 657
10. ساڳيو. ص 676
11. ساڳيو. ص 678
12. ساڳيو. ص 643
13. ساڳيو. ص 664 - 635
14. ساڳيو. ص 658
15. ساڳيو. ص 634 - 635
16. ساڳيو. ص 658
17. ساڳيو. ص 658
18. ساڳيو. ص 658 - 659
19. لالوڻي ليلا رام وطن مل "The Life, Religion & Poetry of Shah Latif" ص 59.
20. گربخشاڻي هوتچند مولچند، "شاھ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) ص 657




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حوالا - سر مارئي


1. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، لطيف جو پيغام، مهراڻ اڪيڊمي، ڪراچي، 1989 - ص 117.
2. علامہ آءِ آءِ قاضي - سر مارئي - ص 5
3. سيد جي ايم، پيغام لطيف، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 1988
4. گربخشاڻي هوتچند مولچند، (ٽن جلدن ۾) حوالو ڏنل ص 727.
5. ساڳيو، ص 727.
6. ساڳيو، ص 696.
7. ساڳيو، ص 704
8. شهواڻي غلام محمد، شاھ جو رسالو آفتاب پرنٽنگ پريس حيدرآباد 1950ع - ص 794.
9. گربخشاڻي هوتچند مولچند، شاھ جو رسالو، ٽن جلدن ۾، ص 725.
10. ساڳيو.









www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حوالا - سر ڪاموڏ


1. گربخشاڻي هوتچند مولچند، شاھ جو رسالو، ٽن جلدن ۾، پٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد 1399ھ / 1979ع ص 733

2. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، "شاھ جو رسالو: شاھ جو ڪلام"، جلد پنجون، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد 1997ع - ص 39

3. لالواڻي ليلارام وطن مل، "The Life, Religion & Poetry of Shah Latif" سنگ ميل پبليڪيشن لاهور 1987ع - ص 69.

4. آڏواڻي ڪلياڻ، شاھ جو رسالو، مڪتبہ برهان، اسحاقيہ پرنٽنگ پريس ڪراچي، 1976ع - ص 289.

5. گربخشاڻي هوتچند مولچند، "شاھ جو رسالو" ٽن جلدن ۾ ص 741

6. ساڳيو - ص 788.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حوالا - سر سارنگ


1. آڏواڻي ڪلياڻ، "شاھ جو رسالو" مڪتبہ برھان، اسحاقيہ پرنٽنگ پريس ڪراچي 1976ع - ص 327.
2. سنڌي حميد (مرتب) "سر سارنگ" شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ حيدرآباد 1419ھ / 1998ع - ص 51.
3. "شاھ عبداللطيف ڀٽائي - چونڊ مضمون"، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاھ 1418ھ / 1997ع - ص 162، 163.
4. شاھواڻي غلام محمد، "شاھ جو رسالو" سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1993ع - ص 662.
5. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، "سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس" روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1996ع - ص 428.
6. سنڌي حميد (مرتب) "سر سارنگ"، ص 53
7. آڏواڻي ڪلياڻ، "شاھ جو رسالو"، ص 335
8. آڏواڻي ڪلياڻ، "شاھ جو رسالو"، ص 331




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن بيت ۾ شاهه لطيف، الله پاڪ جي پهتل يعني عارف ۽ عاشق ٻانهن جو بيان ڪندي، ڪجهه تشبيهن جو استعمال ڪيو آهي. هي ٻانها جيئن ته پنهنجي ظاهري وجود جي نفي ڪري، "فنا في الله" واري منزل تي رسيل هوندا آهن، پنهنجي وجود تي رب واحد لا شريڪ لہ جي وجود کي حاوي ۽ طاري ڪري ڇڏيندا آهن، ان ڪري هاڻ هو ان منزل تي رسيل آهن جو شاهه سائين فرمائي ٿو تہ انهن جو جسم تسبيح مثل ٿيو پوي ۽ من وري تسبيح جو داڻو، يعني هو سراپا عبادت ٿيو پون. پاڻ عارفن جي دل کي ان دنبوري سان تشبيهه ڏئي ٿو جيڪو پنهنجي تندن تي هر گهڙيءَ الله پاڪ جي هيڪڙائيءَ جو راڳ آلاپيندو رهي ٿو. اهي ٻانها، ان حد تي وڃي پهچن جو پوءِ انهن وٽ ننڊ ۽ سجاڳيءَ جو فرق بہ ختم ٿيو وڃي، ستل هجن تہ بہ سجاڳ رهن ٿا تہ ننڊ بہ انهن جي عبادت ۾ شمار ٿئي ٿي.

# حوالا - سر آسا


1. لالواڻي ليلا رام وطن مل، "The Life, Religion & Poetry of Shah Latif" سنگ ميل پبليڪيشن لاهور 1987ع -ص 66.
2. آڏواڻي ڪلياڻ، "شاهه جو رسالو"، مڪتبہ برهان اسحاقيہ پرنٽنگ پريس ڪراچي، 1976ع - ص 343)
3. شاهواڻي غلام محمد، "شاهه جو رسالو" سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1993 - ص 703.
4. بلوچ نبي بخش خان، "شاهه جو رسالو شاهه جو ڪلام" حوالو ڏنل ص 44، 48.
5. شاهواڻي، غلام محمد، "شاهه جو رسالو"،
6. ساڳيو




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حوالا - سر رپ


1. بلوچ نبي بخش خان(محقق ۽ شارح) "شاهہ جو رسالو - شاهہ جو ڪلام" جلد ڇهون علامہ قاضي رسالو رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد سنڌ 1418ھ /1977ع ص - مقدمہ 4
2. آڏواڻي ڪلياڻ، "شاهہ جو رسالو" اسحاقيہ پرنٽنگ پريس ڪراچي 1976ع - ص 361.
3. شاهواڻي غلام محمد، "شاهہ جو رسالو"، آفتاب پرنٽنگ پريس حيدرآباد - 1950ع - ص 1029.
4. بلوچ نبي بخش خان "شاهہ جو رسالو - شاهہ جو ڪلام" جلد ڇهون مقدمہ ص 4.
5. شاهواڻي غلام محمد "شاهہ جو رسالو" ص 1030
6. ساڳيو.
7. ساڳيو.
8. ساڳيو.
9. ساڳيو.
10. ساڳيو.
11. ساڳيو.
12. ساڳيو.
13. ساڳيو.
14. ساڳيو.
15. ساڳيو.
16. لالواڻي ليلا رام وطنمل، "The Life, Religion & Poetry of Shah Latif"، سنگ ميل پبليڪيشن لاهور 1987ع - ص - 64.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6. تنوير عباسي، "شاهہ لطيف جي شاعري" ٽن جلدن ۾. نيوفيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنہ 1989ع - ص 45.
7. بلوچ نبي بخش، ڊاڪٽر - شاهہ جو رسالو
8. شاهواڻي، غلام محمد، شاهہ جو رسالو
9. آڏواڻي، ڪلياڻ، شاهہ جو رسالو
10. شهواڻي غلام محمد، شاهہ جو رسالو
11. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، شاهہ جو رسالو، شاهہ جو ڪلام - جلد ڇهون
12. ساڳيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبوب جي ديدار لاءِ محلات جي دريءَ ۾ اکيون وجهيو پيو واجهائيندو هو تڏهن سندس اندر مان هي آلاپ نڪري ٿو:

ڪڏهن طاقيون ڏين. ڪڏهه ڪلن در دوستن جا
ڪڏهه اچان اچڻ نہ لهان. ڪڏهه ڪوٺيو نين
ڪڏهه سڪان سڏ کي. ڪڏهه ڳجهاندر ڳرهين
اهڙا ٿي آهين. صاحب مهجا سپرين

(شهواڻي - ص 1085)

جانب مهجي جيءَ ۾ تهجي طمع پوءِ
وٺ ڪاتي وڍ انگڙا. ادب ڪرم ڪوءِ
پانيا پال سندوءِ. جي ساڄن سنٿون نهارين

(شهواڻي - ص 1087)

ساڄن ايئن نہ ڄڳاءِ. جڻءِ ماريو. موٽيو نہ پڇين
رتي رت نہ سنجري. سڪ تهجي ساءِ
اسان توڻي لاءِ. ٿي پر ۾ پچارون ڪيون

(شهواڻي - ص 1087)

ڪٺان سڪيين سپرين! ڪاسائڪي ڪار
تکي ڪاتي هٿ ڪري. مڏيءِ سين م مار
چوري چاڪ نهار. سورن سانگهيڙا ڪٺا

(شاهواڻي - ص 1095)

آخر ٻروي جي قربانين ۽ تانگهہ بہ هٿي وجي هنڌ ڪيو ۽ شهزاديءَ جي دل ۾ بہ سندس عشق جي باهہ ڀڙڪي اٿي. ٻروي جي وڇوڙي تي ڪيس ياد ڪندي چوي ٿي.

وٺو ڏيهہ ڦلات جو. مون لوڙائو پسئا
جڻ هٿ ڪنون ڪنوٺيون. تڻ هٿ ٻرهہ سندي ٻات
وڏي ڪنهن ولات. مارو ملڪ مٽي ويا

وهلو ور وريا پرين. آءُ ڪانگا ڪرلات
ويا جي ڦلات. سي اڌامي آڻ تون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

7. آڏواڻي ڪلياڻ، "شاهه جو رسالو"

8. Sorley, H.T, "Shah Abdul Latif of Bhit", Oxford University Press (Pakistan Branch) Civil & Military Press Karachi, reprinted 1966. P: 349

9. IBID

10. اڄڙو بدر، حميد سنڌي، (مرتب) رامڪلي.

11. آڏواڻي ڪلياڻ، شاهه جو رسالو

12. شاهواڻي غلام محمد، شاهه جو رسالو

13. ساڳيو

14. ساڳيو

15. ساڳيو

16. ساڳيو

17. ساڳيو

18. ساڳيو

19. ساڳيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقدار ۾ سٽ ڪٽينديون هيون. جنهن مان آڌائڻ تي ڪپڙو تيار ٿيندو هو، جيڪو اندرون ملڪ ضرورتن جي پورائيءَ کان پوءِ پرڏيهه به موڪليو ويندو هو.

روحاني تمثيل مطابق شاهه سائين هن بيت ۾، دنيا مان سچن ماڻهن ۽ نيڪ بندن جي ناپيد ٿي وڃڻ تي هنجون هاري ٿو ۽ انهن کان سواءِ جيڪو دنيا جو حال آهي تنهن لاءِ فرمائي ٿو ته اهو ڏسي منهنجو هينئڙو لوڻ وانگر ڳريو ٿو وڃي.

"پسي بازاريون هينئڙو مون لوڻ ٿئي."

بي انتها ڏکي حالت ۾ دل جي ڪيفيت بيان ڪندي، شاهه سائين اُن کي پاڻي ۾ لوڻ جي ڳري وڃڻ سان تشبيهه ڏئي ٿو ته منهنجو هينئڙو به اها صورتحال ڏسي ائين ٿو ڳري جيئن لوڻ پاڻيءَ ۾ ڳري ٿو.

هن سر ۾ تشبيهه جو ڪو گهڻو استعمال نه ٿيو آهي. گهڻي ڀاڱي استعاري جو استعمال ٿيل آهي.

## حوالا - سر ڪاپائتي


1. آڏواڻي ڪلياڻ. "شاهه جو رسالو". مڪتب برهان. اسحاقيه پرنٽنگ پريس، ڪراچي 1976ع - ص 421.
2. شهواڻي غلام محمد. شاهه جو رسالو. سنڌيڪا اڪيڊمي 1993ع - ص 827.
3. لالواڻي ليلارام وطن مل. "The Life, Religion & Poetry of Shah Latif" سنگ ميل پبليڪيشن لاهور 1987ع - ص 65.
4. سورلي ايچ ٽي ڊاڪٽر. شاهه عبداللطيف آف ڀٽ. "آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس (پاڪستان برانچ) ڪراچي. ٻيو ڇاپو 1966ع - ص 255.
5. امداد علي امام علي قاضي. رسالو (پيغام) شاهه عبداللطيف جو سنڌي ادبي بورڊ. ڪراچي حيدرآباد. پاڪستان 1380هه 1961/ص 843.
6. آڏواڻي ڪلياڻ. شاهه جو رسالو حوالو نمبر ص 422.
7. شهواڻي غلام محمد. "شاهه جو رسالو" ص 1180.
8. آڏواڻي ڪلياڻ. "شاهه جو رسالو" ص424.
9. آڏواڻي ڪلياڻ. شاهه جو رسالو. ص 424.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (ز) سر ڪارايل ۽ ان ۾ استعاره ۽ تشبيهه نگاري

"ڪارايل ناليءَ ڪا بہ هندستاني راڳڻي ڪانهي، هن سر تي نالو مضمون مطابق رکيل ٿو ڏسجي، ڇاڪاڻ جو منجهس ڪارايل (مور يا هنج) جو ذڪر ڪيل آهي. پکين جو سرتاج مور يا پکيهہ ڪيئن بين پکين کان نرالو طريقو اختيار ڪري ٿو، تنهن جو ذڪر هن سر ۾ ڪيل آهي." (1)

هن سر جي نالي بابت ڪلياڻ آڏواڻي بہ مٿي درج ڪيل غلام محمد شهواڻي جي راءِ سان اتفاق ڪندي لکي ٿو:

"ڪارايل لفظ جي معنيٰ آهي مور يا هنج (هنس). هن سر ۾ هنج جي ڳڻن جي ساراهہ ڪيل آهي، تنهن ڪري ئي ان تي اهو نالو رکيو ويو آهي".(2)

هن سر تي نالو، جيئن ان مضمون مان ظاهر آهي تہ هنج جي نيڪ خصلتن بيان ڪرڻ ڪري، ان جي پنيان "ڪارايل" رکيو ويو آهي، پر مٿي بيان ڪيل عالمن ۽ محققن لفظ "ڪارايل" جي معنيٰ لکي آهي: "مور يا هنج". ۽ شهواڻي صاحب تہ ايستائين بہ لکي ٿو تہ:

"پکين جو سرتاج مور". حالانڪ مور ۽ هنج بہ بنهہ الڳ نسلن جا پکي آهن. پکيهہ پکي پاڻيءَ جي پکين ۾ شمار ٿئي ٿو ۽ اڪثر ڍنڍن ڍورن تي وڏي تعداد ۾ نظر ايندو آهي. جڏهن تہ مور جهنگلي يا برپٽ بيابانن ۽ وارياسن علائقن جو پکي آهي. جيئن هت سنڌ ۾ ان پکيءَ جو باقاعده ماڳ مڪان ٿر آهي. پنجاب ۾ چولستان يا مٿي "ڪلر ڪهار" مورن جو خصوصي مسڪن آهي. لاهور ۽ پنڊيءَ درميان موٽروي تي ايندڙ هي علائقو "ڪلر ڪهار" جيڪو بنيادي طور تي جابلو ۽ بي حد سرسبز علائقو آهي ۽ اتي هڪ ڍنڍ بہ آهي ۽ چشمو بہ. پر اهو اڪين ڏٺو احوال آهي تہ مور وڻن تي يا جبلن جي سبزيءَ ۾ ٽلندا ۽ گهمندا وتندا آهن پر ڪڏهن بہ ان ڍنڍ يا چشمي تي انهن ڪي پاڻيءَ جي پکين واريون حرڪتون ڪندي يا انهن سان گڏ نہ ڏٺو ويو آهي.

پکين جو سرتاج اسين هنج کي چئي سگهون ٿا جو هو پاڻي جو معزز پکي آهي (پکيت ڪبير، هنج کي منسروور ڍنڍ جو رهواسي سڏي ٿو) پر مور جو تہ انهن سان پري جو بہ ڪو تعلق نہ آهي.

هن سر ۾ ڪلام ٻن داستانن ۾ ورهايل آهي. پهرين داستان جي مڙني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3. مخدوم محمد زمان "طالب المولي". سه ماهي مهراڻ نمبر 1990ع.، سنڌي ادبي بورڊ، اسٽيشن روڊ ڄامشورو سنڌ ص 33، 34، 41.

4. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي. "لطيف جو پيغام". مهراڻ اڪيڊمي ڪراچي 1989ع - ص 140، 141، 142.

5. شاهواڻي غلام محمد. "شاهه جو رسالو". سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1993ع - ص 880.

6. شاهواڻي غلام محمد "شاهه جو رسالو" سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1993ع - ص 880

7. ساڳيو - ص 878



# حوالا - سر بلاول

1. آڏواڻي ڪلياڻ، "شاهه جو رسالو" مڪتبہ برهان، اسحاقيہ پرنٽنگ پريس ڪراچي 1978ع - ص 459.

2. لالواڻي ليلا رام وطن مل، "The Life, Religion and Poetry of Shah Latif" ، سنگ ميل پبليڪيشن لاهور 1987ع - ص 64.

3. عباسي تنوير، "شاهه عبداللطيف جي شاعري" ٽن جلدن ۾، نيو فيلڊس پبليڪيشن ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ 1989ع - ص 175.

4. شهواڻي غلام محمد، "شاهه جو رسالو" سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1993ع - ص 904.

5. آڏواڻي ڪلياڻ، "شاهه جو رسالو"، حوالو ڏنل - ص 462.

6. قاضي امداد علي امام رسالو (پيغام) شاهه عبداللطيف جو ص - 828



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڀاڱو چوٿون

## استعاره ۽ تشبيهه جي استعمال جي لحاظ کان شاهه لطيف ۽ سندس متقدمين، معاصرين ۽ متاخرين جي ڪلام جو تقابلي جائزو

### باب پهريون

### شاهه لطيف جي متقدمين جو مٿس اثر

(الف) سومره ۽ سمہ دور جا اوائلي شاعر (1050ع - 1520ع)

(ب) قاضي قاضن (63 - 1458ع - 1551ع)

(ت) شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو (1536ع - 1623ع)

(ج) شاهه لطف الله قادري (1611ع - 1679ع)

(ح) ميون شاهه عنايت رضوي (25 - 1620ع - 15 - 1710ع)

5. جوڻيجو عبدالجبار سنڌي ادب جي مختصر تاريخ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1994 - ص 47
6. عباسي تنوير "شاهہ لطيف جي شاعري" - ص 217
7. جوڻيجو عبدالجبار "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" - ص 47
8. عباسي تنوير "شاهہ لطيف جي شاعري" - ص 217
9. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي "سندهي ادب کي مختصر تاريخ" مترجم حافظ خير محمد اوحدي سنڌالاجي 1983 - ص 64
10. ساڳيو - ص 65
11. ساڳيو - ص 70
12. جوڻيجو عبدالجبار "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ص 50



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنز قدوري ڪافيہ، ڪي ڪين پڙهيام
سو ڏيهہ ئي ٻيو، جتان پرين لڌام

بيت 3

پڙهندو پئي ويو، ڪوڙين لک قرانءِ
لکي لوڪ نہ سگهئو، پاڻي اندر پانءِ

(قاضي قادن جو ڪلام - ص 2 - بيت 4)

مٿين بيتن ۾ قاضي صاحب چوي ٿو تہ اهي جيڪي ظاهري علم جا ذريعا ۽ وسيلا آهن، سي ڀلي ماڻهو ڪيترا بہ ڪٿي پڙهي پر انهن سان محبوب حقيقي جو قرب نہ ملندو، ڇو تہ اهو پار ئي ٻيو آهي، علم ۽ ذهني استطاعت ئي ٻي آهي، جنهن سان پرين تائين ٿو پهچجي.

اهو ساڳيو مضمون شاهہ لطيف رح سريمن ڪلياڻ جي پنجين داستان ۾ لڳاتار سورهن بيتن ۾ دهرايو آهي تہ ڪتابن پڙهڻ ۽ ورق ورائڻ مان محبوب جو قرب ۽ وصال نہ ملندو ڇو تہ ان جي حصول جو طريقو ئي ٻيو آهي.

جن کي دور درد جو، سبق سور پڙهن
فڪر ڦرهي هٿ ۾، مات مطالع ڪن
پنون سو پڙهن، جنهہ ۾ پسن پرين کي

بيت 17

سا سٽ نہ سارين الف جنهہ جي اڳ ۾
ناحق نهارين، منا پنا پرينءَ لاءِ

بيت 20

ڪيو مطالع مون، هو جو ورق وصال جو
تہ ۾ تون هي تون، ٻي لات نہ لحظي جيتري

بيت 24

پڙهئو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾
پاٺان ڏوهہ چڙهن، جي ورق ورائن وترا.

بيت 27



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي قادن "همہ اوست" جي صوفيانہ مڪتبہ فڪر جي ترجماني ڪندي هن ڪائنات کي هڪ اهڙي محل سان مستعار ڪري ٿو، جيڪو تمام گھڻو وسيع ۽ عريض آهي، جنهن ۾ لکين در، ڪروڙين دريون آهن، پر جنهن طرف ڪان ڏسجي ٿو اوڏانهن پرين ٿي سامهون نظر اچي ٿو.

عين قصر، در لک، ڪروڙين سهسين ڪوڪيان
جان ٿي ڪريان پرک، تان ٿي سڄڻ سامهان

(قاضي قادن جو ڪلام - ص 16 - بيت 31)

شاهه صاحب جي سر ڪلياڻ جي داستان پهرين ۾ تقريباً ساڳين لفظن سان اهو بيت آيل آهي. انهن ٻنهي بيتن ۾ ٿورڙو اترادي ۽ لاڙي بوليءَ جو فرق آهي:

ايڪ قصر، در لک، ڪوڙين ڪئس ڳڙکيون
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏاهه صاحب سامهون

(شهوائي - ص 68 - بيت 25)

يعني هن ڪائنات جا لکين ڪروڙين مظهر آهن، جن مان هر هڪ ۾ ان جي خالق جو ئي وجود سمايل آهي. قاضي قادن جا ٻہ بيت درج ڪجن ٿا جن ۾ هن "راڃيا" يا "وڏا راڃيا"، هن ساري جڳ جي مالڪ ۽ رازق، واحد راڄ ڌڻيءَ لاءِ استعاري طور استعمال ڪيا آهن.

بيت 104 ۾ قاضي صاحب فرمايو:

(انان ٿي پنان ڪرين، پنا ان منجهانو

راڄ تهنجوراڃيا، ٻيا راوئي راوَ)

"هي ڌڻي! تون پنن کي ڦيري ان ٻٽايو ڇڏين ۽ ان کي چاهين تہ پن ٻٽايو ڇڏين. اي راڃيا (دنيا تي) تنهنجو ئي راڄ آهي، ٻيا تہ راو ٿي راو (ڇوٽا راجائون) آهن". (قاضي قادن جو ڪلام - ص 53)

توڙي نہ ڏيئين، تو، تهنجو آسرو
تو در ڇڏان ڪيئن، اي وڏا راڃيا

(قاضي قادن جو ڪلام - ص 55 - بيت 107)

شاهه لطيف رح اهو استعارو سر سورٺ ۽ سر پرڀاتيءَ ۾ آندو آهي. سر سورٺ ۾ ٻيجل جي زباني چورائي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حوالا - ب:قاضي قاضن


1. بکري مير محمد معصوم، "تاريخ معصومي" ص 243.
2. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر "قاضي قادن جو رسالو"، ص 18.
3. دائود پوٽو عمر بن محمد، مضمون نگار "قاضي قاضن سيوهاڻي" ماهوار نئين زندگي سيپٽمبر 1950ع - ص 19.
4. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر (تحقيق ۽ ترتيب) "قاضي قادن جو رسالو" انسٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 1420هه بمطابق 1999ع - ص 37، 38.
5. ٺکر هيرو ڇيتانند "قاضي قادن جو ڪلام" پوڇا پبليڪيشن 1978 - ص 7
6. ساڳيو ص - 17
7. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر "قاضي قادن جو رسالو" ص 34 - 35
8. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي "سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس" روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 1996.
9. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر "قاضي قادن جو رسالو" ص 37 - 38
10. ساڳيو - ص 191 ۽ 192
11. ٺکر هيرو "قاضي قادن جو ڪلام" ص 36 ۽ 237
12. ٺکر هيرو قاضي قادن جو ڪلام ص 38




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جـــتِ نـــ پکـــي پيـــر، تـــت ٽمکـــي بـــاهڙي
بيـــو بـــارينـدو کيـــر، کـــاهوڙکي کيـــر ري.

بيت 10

شاهہ ڪريم ۽ شاهہ لطيف جن جي هن شعري تقابلي جائزي کان پوءِ ان نتيجي تي پهچڻ ۾ ڪا پس و پيش باقي نہ ٿي رهي تہ شاهہ سائين پنهنجي هن بزرگ شاعر جي ڪلام کان ڪيترو متاثر هو. موضوعن جي چونڊ هجي، بيتن جي فني جوڙجڪ هجي، شعري صنعتن جو استعمال هجي خصوصـــاً استعاري ۽ تشبيهہ، مطلب تہ هر طرح سان پاڻ شاهہ ڪريم جي ڪلام کان متاثر ٿيو آهي.

## حوالا - ث : شاهہ ڪريم


1. عباسي تنوير، "شاهہ لطيف جي شاعري"، نيو فيلڊس پبليڪيشن ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ 1989ع - ص 220.
2. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، "سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو - 1996 ص 356.
3. دائود پوٽو عمر بن محمد (سوڏيندڙ ۽ سنوارينڊڙ) "شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام"، شاهہ اللطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ 1977 - ص 16.
4. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي "سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس" - ص 356
5. دائود پوٽو عمر بن محمد (سوڏيندڙ ۽ سنوارينڊڙ) "شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام"، شاهہ اللطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ 1977 - ص 19.
6. نجم الاسلام، "ابيات شاهہ ڪريم"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌي ادبي بورڊ پريس ڄامشورو 1987ع - 8.
7. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، "سنڌي ادب جي تاريخ"، ڪانياواڙ اسٽورز، بندر روڊ لاڙڪاڻو، اردو بازار ڪراچي، 1993ع - ص 54 - 55.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (ج) شاهه لطف الله قادري (1611ع - 1679)

سنڌي اساسي شاعريءَ جي زنجير جي شاهه لطف الله قادري تين اهم ڪڙي آهي. ڪانئس اڳ قاضي قاضن ۽ شاهه ڪريم اچي ويا هئا. شروع شروع ۾ سنڌي ادب ۾ شاعري صرف منظوم قصن ڪهاڻين تائين محدود هئي. پر قاضي قاضن ان روايت کي ٽوڙي سنڌيءَ ۾ صوفيانه ڪلام چيو. جيڪو فڪر ۽ معنويت سان پريل هو ۽ جنهن ۾ هروڀرو جي لفاظي، تڪبندي ۽ من گهڙت قصا ڪهاڻيون نه هئا. هنن ٻنهي صوفي بزرگن ۽ شاعرن کان پوءِ سنڌي صوفيانه شعر جي آسمان تي شاهه لطف الله قادريءَ جو نالو چمڪي ٿو.

شاهه لطف الله قادريءَ جي پيدائش يا حالات زندگي جي باري ۾ ڪا گهڻي معلومات نه ٿي ملي. سندس تصنيفات جي آڌار تي محققن اندازي طور سندن پيدائش سن 1020هه مطابق 1611ع ۾ وفات اندازاً سن 1090هه مطابق سن 1679ع مقرر ڪئي آهي. ايترو معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ "اگهم ڪوٽ" جا رهاڪو هئا. جنهن جا آثار هن وقت حيدرآباد کان 20 - 25 ميل ڏکڻ اوڀر طرف "تعلقه ماتلي" ۾ آهن. اگهم ڪوٽ سندس زماني ۾ علم ۽ عرفان جو وڏو مرڪز هو ۽ اتي وڏا وڏا مدرسا ۽ درسگاهون هيون. جن مان شاهه لطف الله قادري به علمي ۽ روحاني فيض پرايو ۽ پوءِ ان علمي ۽ روحاني فيض جا واهڙ وهايائين. (1)

قادري صاحب جي ڪلام جو اهم موضوع، سندس متقدمين وانگر تصوف ئي رهيو آهي. بقول ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي:

"شاهه لطف الله قادري جي آڏو فقط "سلوڪ ۽ معرفت" جو هڪ مکيه مضمون هو. جنهن جي وضاحت ڪرڻ ٿي چاهيائين ۽ انهي سلسلي ۾ حق ۽ حقيقت جي تلاش ۾ طالبن ۽ سالڪن جي جدوجهد کي تمثيل طور، سامونڊي ناکئن جو منزل مقصود ڏانهن هاڪاري هلڻ ۽ جوڳين ۽ آديسين جو سندن ياترائن خاطر ڪشالا ڪڍڻ سان پيش ٿي تفصيلي سمجهاڻي ڏنائين. جن کي بعد ۾ شاهه عنايت ۽ شاهه لطيف (سر سامونڊي، سر سريراڳ، سر پورب، سر رامڪلي جي عنوانن سان) وڏي ذوق سان ورجايو." (2)

قادري صاحب جي شاعريءَ جي فني سٽاءَ بابت ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو:

"فني سٽاءَ جي لحاظ کان ميين شاهه لطف الله قادري جي ڪلام ۾ ٽوان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيون آهن. جن جو ذڪر به صوفي شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ ضرور ڪيو آهي.
قادري صاحب به پنهنجي ڪلام ۾ انهن جو بيان ڪيو آهي.

ڪي نگيا ناسوت ڏي، ڪي ملڪوت مڙن
ڪي جنبيا جبروت ڏي، ڪي لاهوتا لڙن
ڪي وه پٺا وتري، هليو هاهوت وڃن
آءٌ تو پڇان پيڙا، سڏيون سالڪن
اوءِ ڪيهي حال هلن، سيڪڙو سبحان جا

(شاهه لطف الله قادري جو ڪلام - متن ص 10)

شريعت جي سوجهري، هليا ڏونهي حق
طريقت تار ڪٺا، وسرئن ورق
حقيقت جي حال سين، ره سوناٺون سابق
هي جو هوءِ رسيا حاذق، معرفت مشاهدو تن ڪي

(شاهه لطف الله قادري جو ڪلام - متن ص 10 - 11)

رهه شريعت هلٺا، تفڪر طريق ٺٿون
حال حقيقت رسٺا، حرڪت حرص وٺون
لٺ لاهوت نگٺا، وحدت وصالون
سي پينا بقايا باغ ۾، فنا فرق پٺون
پسو پنڌ سندون، اوءِ وجودان وهٺي وٺا

(شاهه لطف الله قادري جو ڪلام - متن ص 11)

ان مضمون ۽ اسلوب بيان جو شاهه لطيف تي واضح اثر نظر اچي ٿو.
جيئن سر سهڻي، داستان ڇهين ۾ فرمائي ٿو:

ساري سڪ سبق، شريعت سندو سهڻي
طريقتا تکو وهي، حقيقت جو حق
معرفت مرڪ، اصل عاشقن ڪي

(شاهوائي - ص 231 - بيت 10)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لحاظ کان تمام گهڻو اثر نظر اچي ٿو. خاص طور تي سندس ڪلام ۾ "قسر
ڇهون منجهه فقر فقيرن" ۽ "قسر ستون منجهه پير مرشد جوڳين" جو اهو اثر
شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ سر "رامڪلي" ۽ سر "پورب" ۾ تمام گهڻو نظر اچي
ٿو. جنهن ۾ ٻنهي بزرگ شاعرن. جوڳين جي مشقن ۽ انهن جي سفر وغيره جي
تمثيلي بيان ۾ استعارن جو استعمال ڪيو آهي ۽ ان کان علاوه مصرعي توڙي
لفظي هڪجهڙائي بہ تمام گهڻي ملي ٿي.

## حوالا - (ج) شاهہ لطف الله قادري


1. بلوچ نبي بخش خان. ڊاڪٽر (تحقيق ۽ تصحيح) "شاهہ لطف الله قادري جو ڪلام". انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي. حيدرآباد سنڌ، پاڪستان 1388هه / 1968ع مقدمو - ص 9 - 11.
2. ساڳيو ص - 22.
3. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، "سنڌي ادب جي تاريخ". ڪانياواڙ اسٽورز. بندر روڊ لاڙڪاڻو. اردو بازار ڪراچي 1993ع - ص 62.
4. بلوچ نبي بخش خان. ڊاڪٽر. تحقيق ۽ تصحيح. "شاهہ لطف الله قادري جو ڪلام" (مقدمو). ص - 23 - 24.
5. ساڳيو. ص - 24.
6. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي. "سنڌي ادب جو تنقيدي ابياس". روشني پبليڪيشن. ڪنڊيارو 1996ع - ص 366
7. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي. "سنڌي ادب جي تاريخ". ص - 62
8. جوڻيجو عبدالجبار. "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ". روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1994ع - ص 68.
9. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر. "شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام" - (مقدمو) ص 28.
10. ساڳيو. ص 29.
11. ساڳيو. ص 29.
12. ساڳيو. ص 42.
13. ساڳيو. ص 29.

(ان کان علاوه غلام محمد شاهوائي جو تاليف ڪيل "شاهہ جو رسالو" سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1993ع).




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حوالا - ح: ميون شاهه عنايت رضوي


1. بدوي لطف الله، "تذڪره لطفي" (پاڳي ٻي)، آر ايچ احمد اينڊ برادرز حيدرآباد 1963ع - ص 38.
2. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، (تصحيح ۽ تحقيق)، "ميين شاهه عنايت جو ڪلام"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ پاڪستان 1963ع - ص 22.
3. ساڳيو، ص 33 - 32
4. ساڳيو، ص 107 - 108
5. ساڳيو، ص 41
6. ساڳيو، ص 47
7. ساڳيو، ص 47
8. ساڳيو، ص 63 - 64
9. ساڳيو، ص 67
10. ساڳيو، ص 68
11. ساڳيو، ص 68
12. ساڳيو، ص 69
13. ساڳيو، ص 72 - 73
14. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر، "سنڌي ادب جي ادب جي تاريخ"، ڪانياواڙ اسٽورز بندر روڊ لاڙڪاڻو، اردو بازار ڪراچي 1993ع - ص 90.
15. ساڳيو، ص 78
16. ساڳيو، ص 78
17. ساڳيو، ص 79
18. ساڳيو، ص 57
19. ساڳيو، ص 84
20. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر ميين شاهه عنايت جو ڪلام - 57.
21. ساڳيو، ص 84




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پاڻو چوٿون
# باب ٻيو

## شاهہ ۽ سندس همعصر شاعرن جي شاعريءَ ۾ استعاري ۽ تشبيهہ جي استعمال جي ڀيٽ

### (الف) ميون عيسو فقير

حضرت شاهہ لطيف رح جن جي "گنج" ۾ ڪجهہ بزرگ ۽ همعصر شاعرن جو ڪلام بہ شامل ٿي ويو آهي. انهن مان ميون عيسو فقير بہ هڪ آهي، جنهن جو هڪ بيت سر سارنگ ۾ ڏنل آهي.

ڊٺ ڏري ڀــــٽ ڀيٺــــون، وڄــــن ڪنـــا ورن
اونهــي ٿــي عيســو چــوي، ڇــاڇر ســيڪا ڇــن
جي محب اندر مَنَ، سي پرين پيهي گهر آئيا". (1)

ميين عيسيٰ جي باري ۾ شروعاتي معلومات، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جي ماهوار "نئين زندگي" ۾ لکيل مضمون، "شاهہ کان اڳ جا شاعر" مان ملي ٿي، جيڪو جنوري 1951ع ۾ ڇپيو. ان ۾ ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ اهو نٿو چئي سگهجي تہ آيا اهو ميون عيسو ڪير هو؟ شاهہ کان اڳ جو هو، سندس همعصر هو يا ڪانئس بعد جو هو؟ شاهہ جي ڪلام ۾ سندس صرف هڪ بيت ٿي مليو آهي، جڏهن تہ ٻين جا ڪجهہ وڌيڪ آهن. ان مان ايئن ٿو لڳي تہ ميون عيسو ڪجهہ وقت اڳ ٿي گذريو هئو ۽ جيڪا ان نالي سان "سنڌي" هٿ آئي آهي. ان ۾ شاهہ جي رسالي کان بہ قديم سنڌي ٻوليءَ جا لفظ استعمال ٿيا آهن (2).

سندس دؤر جو تعين ڪندي ڊاڪٽر دائود پوٽو لکي ٿو تہ ميين عيسي جي "سنڌي" ۾ مخدوم نوح (998هہ) شاهہ ڪريم (1032هہ)، مخدوم حيات سنڌي (1163هہ) ۽ ميون عبدالباسط ولد ميون پير محمد هالائي ڏانهن اشارا آهن. جن مان پوئيون شاهہ لطيف جي معتقدن مان هو. مخدوم محمد حيات جو ذڪر ايئن ڪيو اٿن، جئن مماتيءَ وارن جو ڪجي جنهن مان معلوم ٿو ٿئي تہ پنهنجي سنڌي 1163هہ کان پوءِ لکي اٿس. (3)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

4. ساڳيو

5. ساڳيو

6. مرزا ممتاز، (مرتب) "ميين عيسيٰ جا سنڌي بيت". شاه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاه حيدرآباد سنڌ 1993ع / 1414هه، ص 97 - 101.

7. ساڳيو، ص 25

8. خانم خديجه دائود پوٽو (سهيڙيندڙ) "مضمون ۽ مقالا - علامه عمر بن محمد دائود پوٽو." شاه عبداللطيف ڀٽ شهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد ڀٽ شاهه 1399هه /1978ع - ص 34.

9. گربخشاڻي هوتچند مولچند، "شاه جو رسالو، ٽن جلدن ۾. شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪميٽي - ص 505.






www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## (ب) حضرت خواجہ محمد زمان (1713ع - 1774ع)

شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي همعصر شاعرن ۾ خواجہ محمد زمان لنواري شريف جو نالو بہ وڏي عزت ۽ اهميت جو حامل آهي. سندس باري ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو:

"سندن عالي نسب وڃيو حضرت ابوبڪر صديق سان لڳي. ان حقيقت جي تصديق تاريخون توڙي روايتون ڪن ٿيون. نہ فقط ايترو پر چاٽايل آهي تہ حضرت ابوبڪر جي نسل مان ڦٽل شاخن مان سڀ کان معتبر ۽ اصل شاخ هنن بزرگن جي آهي." (1)

خواجہ صاحب جي ولادت بابت ڊاڪٽر دائود پوٽو مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي تاليف "فتح الفضل" جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ "خواجہ محمد زمان ولد شيخ حاجي عبداللطيف نقشبندي تاريخ 22 رمضان 1125ھ (1713ع) ۾ ڄاوا." (2)

ان لحاظ کان شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو هي همعصر بزرگ ۽ صوفي شاعر کانئن 23 سال ننڍو آهي ۽ خواجہ صاحب جڏهن پڙهي پرجهي علم ۽ عرفان جي مٿانهين منزل تي پهتو ۽ لنواريءَ ۾ شاھ سائين ساڻن ملاقات لاءِ ويو تہ ان وقت جيڪڏهن پاڻ لڳ ڀڳ 40 سالن کن جا هجن تہ شاھ سائين پنهنجي عمر جي بلڪل آخري دور ۾ 63 سالن جي لڳ ڀڳ هوندا.

خواجہ محمد زمان جو والد هڪ پڙهيل ڳڙهيل ۽ عالم ماڻهو هو. تنهن پنهنجي فرزند جي تعليم تي بہ زور ڏنو. پاڻ خود ئي خواجہ صاحب کي ننڍيءَ عمر ۾ ئي قرآن پاڪ پڙهائي پورو ڪرايو ۽ پوءِ جيئن تہ ان وقت ٺٽو علمي درسگاهن جو سڀ کان وڏو مرڪز هو. تنهن ڪري وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ خواجہ صاحب کي ٺٽي ۾ مخدوم محمد صادق نقشبنديءَ جي مدرسي ۾ داخل ڪرايائون. جيڪو پاڻ شاھ عبداللطيف جو ڪامل مريد ۽ وڏي علم وارو شخص هو. (3).

پاڻ اڃا زير تعليم ئي هئا ۽ فارغ التحصيل ٿيڻ ۾ ڪجهہ وقت باقي هون تہ سندن (خواجہ صاحب جي) ملاقات نقشبندي طريقي جي اڳوڻ شيخ محمد ابو المساڪين سان ٿي. جنهن کين پنهنجي شاگرديءَ ۾ وٺڻ چاهيو. پر خواجہ صاحب کين چيو تہ ظاهري علمن جي تحصيل کان پوءِ طريقت ڏانهن رخ رکندس. (4)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌس ڪيترا ئي بيت اھڙا آھن، جيڪي باقاعدہ طور تي ڪتابن ۾ درج ٿيل ناھن. مثلن شاھ لطيف سان ملاقات وقت جڏھن ٻنھي بزرگن ۾ بيتن جي ڏي وٺ ٿي، جيڪا مختلف ادبي ڪتابن ۾ درج آھي، ان ۾ ٽن ٽن مصرعن جا ٻہ بيت خواجہ ڏانھن منسوب آھن.

(i)

"ڪين آھين، ڪين ٿيين، وڃي ڪين ڪماءِ
لڳاپا لوڪ جا لا سين سڀ لھراءِ
سامي پوءِ سلنداءِ، ڳالھ پريان جي ڳجھ جي

(ii)

ويھہ وڃي وٽ تن، قلم جني ھٿ ۾
ميٺيو انگ اڳيون، واري ٻيو لکن
پنو سو پاڙھين، جنھن مان پسين پرينءَ کي. (12)

شاھ لطيف ۽ سنڌس ملاقات کان پوءِ مريد ياران پڇيل ھڪ سوال جي جواب ۾ پاڻ ھڪ بيت چيو ائس.

(iii)

جئن چتونءَ کي خزران، تئن مون پاڙو سپرين
ھن وڃائي جان مون نشاني نہ لھي

ان کان علاوہ ھڪ بيت سنڌس حياتيءَ جي آخري ڏينھن ۾ چيل ٻڌايو وڃي ٿو.

(iv)

اوڏڻ اوڏي آءُ، توکي لاکي ڪرڻو
لھي تو مٿاءُ، سندو مٿيءَ مامرو

ھڪ بيت "فتح الفضل" ۾ ۽ ھڪ "فردوس العارفين" ۾ سنڌس نالي منسوب ڪيل آھي.

(v)

ائٿي پھر اوڙاھ جي، مٿي گھر گھاري
وس نہ ويچاري، ڪا ماڳ ڊوٺي مڪڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواجہ صاحب ۽ شاهہ لطيف جي استعاراتي استعمال ۾ هڪجهڙائيءَ جا ڪافي مثال آهن. پر تشبيهہ جو خواجہ صاحب تمام گهٽ استعمال ڪيو آهي. ۽ جيڪو ڪيو آهي تنهن ۾ ڪا خاص هڪجهڙائي نہ آهي. البت مضمون، موضوع ۽ فني گهاڙيٽو هڪ جهڙو ئي آهي.

## حوالا - ب : خواجہ محمد زمان


1. گربخشاڻي هوتچند مولچند، (مؤلف) "لنواري جا لال". لنواري شريف ادبي ڪميٽي، 1987ع – ص 24.
2. دائودپوٽو عمر بن محمد (مترجم) "ابيات سنڌي". ايجوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني ڪراچي 1939ع - ص ح. ط.
3. ساڳيو
4. ساڳيو
5. گربخشاڻي هوتچند مولچند، "لنواري جا لال". ص 60.
6. دائود پوٽو عمر بن محمد، "ابيات سنڌي". حوالو ڏنل – ص "ڪب، عز".
7. جوتواڻي موتي لال، "Shah Abdul Latif, His Lfie and Work" دهلي يونيورسٽي پريس دهلي 1975ع – ص 56.
8. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ". زيب ادبي مرڪز حيدرآباد سنڌ 1983ع – ص 147.
9. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سنڌي ادب ڪي مختصر تاريخ، ص 150.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (ث) روحل فقير (1733ع - 1804ع)

سنڌ جي تاريخي شهر ۽ سکر ضلعي جي تعلقي روهڙيءَ ۾ واقع هڪ ننڍڙي ڳوٺ کنڊڙي سان نسبت رکندڙ هن صوفي بزرگ ۽ شاعر جو اصلي نالو روح الله هو ۽ سندس والد جو نالو شاهو فقير هو(1)

ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ لکي ٿو:

"شاها فقير کي ٽي پٽ هئا. جن مان روحل فقير ٻيون نمبر پٽ هو. هي ذات جا زنگيجا هئا ۽ سندس وڏا اصل پنجاب جي هڪ ڳوٺ لونگريہ جا رهاڪو هئا. پر روحل پنهنجي عزيزن ۽ قريبن سان گڏ لڏي اچي سنڌ جي ضلعي ٿرپارڪر ۾ آباد ٿيو. (2)

لطف الله بدوي لکي ٿو تہ فقير صاحب جو اصل وطن ٿر هو. هو عمرڪوٽ جي پرسان ڪنهن پٽ جو رهندڙ هو. (3)

روحل فقير جي سن پيدائش جي ڪا پڪي تاريخ نہ ٿي ملي، البت مختلف واقعن جي آڌار تي سندس پيدائش سن 34 - 1733ع ڌاري لکي وئي آهي. اهڙيءَ طرح فقير صاحب جي تعليم بابت بہ ڪو مستند احوال دستياب نہ ٿيو آهي. البت سندس ڪلام ۾ فڪر جي اڏام ۽ ٻوليءَ جي استعمال ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ پاڻ ان وقت جي رائج تعليم يقينن پرائي هوندائين.

روحل فقير سنڌيءَ ۽ سرائڪيءَ سان گڏ فارسي ۽ عربيءَ ۾ سٺي مهارت رکندو هو ۽ ان کان علاوہ ڪيس هندي زبان تي وڏو عبور حاصل هو جيڪو سندس هندي تصنيفن "من پربوڌ"، "انيو" ۽ "پريم گيان" مان صاف نظر اچي ٿو.

جوانيءَ ۾ روحل فقير، ڪلهوڙا حڪمرانن جي دور ۾ سرڪاري ملازمت ۾ آيو. خاص طور تي ميان غلام شاھ ڪلهوڙي سندس نهٺائي ۽ سنجيدہ طبيعت کان متاثر ٿي کيس سرڪاري توشہ خاني جو ناظر مقرر ڪيو، جيڪو ڪافي اهميت وارو عهدو هو. سن 1773ع ۾ ميان غلام شاھ انتقال ڪيو ۽ ميان سرفراز تخت نشين ٿيو. هن شهزادي جي ڪم عمري ۽ سياسي ناعاقبت انديشي جي ڪري دربار سازش جو شڪار ٿي چڪي هئي. روحل انهن ڳالهين کان بيزار ٿي استعفيٰ ڏيئي ڇڏي. (4)

روحل فقير جي دنيا جي عيش و عشرت سان دلچسپي نہ هئي، هو فقيرانہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (ج) حضرت سچل سرمست (1739ع - 1829)

**حسب نسب :**

سچل سرمست جا وڏا سنڌ ۾ سن 93ھ ۾ آيا. پاڻ حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنہ جن جي اولاد منجهان آهن.

محترم لطف الله بدوي لکي ٿو تہ ڪلهوڙا حڪمرانن هن فاروقي خاندان جي تمام گهڻي عزت ڪئي. گمبٽ ۽ راڻي پور جي وچ ۾ ڪين جاگيرون ڏنائون. اهي جاگيرون هن فاروقي خاندان آباد ڪرڻ لاءِ پنهنجي ٻن خدمتگارن دراز ونديرِ ۽ ڪاڄن ونديرِ کي ڏنيون. جن اتي پنهنجا ڳوٺ آباد ڪيا. انهن مان دراز ونديرِ وارو ڳوٺ ڏينهون ڏينهن وڌئون وڌ ٿيڻ لڳو ۽ دراز يا درازن جو ڳوٺ سڏجڻ لڳو. (1)

سچل سرمست درازا ڳوٺ ۾ سن 1739ع ۾ ڄائو. سندس والد ميان صلاح الدين سچل سرمست جي ننڍپڻ ۾ ئي (ڇهن سالن جي عمر) ۾ وفات ڪري ويو هو. ان ڪري سندس تعليم ۽ تربيت جي ذميداري سندس چاچي عبدالحق جي ڪلهن تي پئي. (2)

خواجہ عبدالحق کيس قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ حافظ عبدالله قريشي صديقيءَ وٽ ويهاريو. جنهن وٽان سچل سائين قرآن حفظ ڪيو ۽ پوءِ خواجہ عبدالحق خود پنهنجي پاڻ کي فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم ڏني ۽ پڻ تصوف ۽ معرفت جي تڪميل ڪرائي. خلافت جو خرقو ڍڪايائينس. سچل سائين ظاهري توڙي باطني علم پنهنجي چاچي وٽان ئي پرايو. جنهن جو پاڻ شاعريءَ ۾ اظهار بہ ڪيو اٿس.

> هادي هي ميڏا عبدالحق سائين، صوفي صاف جو شهنشاھ ميان
> سڀو علم تنهن تون معلوم ٿيا. اسرار مڙيوئي آگاھ ميان

سچل سرمست جا سوانح نگار لکن ٿا تہ پاڻ طبيعتاً نهايت بردبار ۽ خاموش رهندڙ هو. گهڻو ڪري صبر سانت ۾ گذاريندو هو. عيش و آرام بلڪل پسند نہ ڪندو هو. ايتري قدر جو ڪڏهن کٽ تي بہ نہ سمهندو هو. هميشہ ڪاٺ جي صندل يا ڌرتيءَ تي سمهندو هو.

سچل سائينءَ کي دنياوي عيش و عشرت سان ڪنهن بہ قسم جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلچسپي نـه هئي. ڪو طالب اگر سندس مريد ٿيڻ لاءِ ايندو هو تـه ڪيس پنهنجي هٿ تي بيعت نه ڪرائيندو هو پر پنهنجي مرشد ڏانهن رجوع ڪندو هئس. (3)

14 رمضان المبارڪ 1242هه بمطابق 1829ع ۾ وفات ڪيائين.

## سچل جي شاعري :

سچل سرمست کي شاعريءَ جي ڏات ورثي ۾ ملي هئي. سندس فاروقي خاندان مان ڪانئس اڳ سندس چاچو عبدالحق ۽ ڏاڏو محمد حافظ عرف ميان صاحب ڏنو فاروقي، اهڙا مقبول عام شاعر هئا جن مقامي زبان ۾ تصوف جي موضوع تي ڪلام چئي ماڻهن جون دليون موهي ورتيون هيون. انهن کان اڳ بـه هن خاندان ۾ شاعر ٿي گذريا آهن پر انهن جو شعر فارسيءَ ۾ هو. انهن ۾ ذوقي ۽ حقيريءَ جا نالا مشهور آهن. (4)

پاڻ نـه صرف موروثي طور شاعر هو پر فطرتن بـه شاعر هو. جيڪو ان ڳالهه مان ثابت ٿئي ٿو تـه شعر جي اصلاح يا سکڻ لاءِ ڪنهن جو بـه شاگرد نـه ٿيو. اها ڪيس قدرتي ڏات هئي. سندس ذهن ۽ قلب تي جذبن خيالن جو نزول ٿيندو هو تـه شعر جي صورت ۾ بيان ڪندو ويندو هو. سندس اعليٰ علمي بصيرت ۽ وسيع مطالعي توڙي مشاهدي سندس ان قدرتي ڏات کي توازن ۽ تسلسل بخشيو. سچل علم عروض جي بندش تي بـه ڪلام چيو آهي تـه سنڌي شعر ۾ قديم زماني کان رائج هندي ڇند جي بنياد تي بـه ڪلام چيائين.

سچل جنهن دور ۾ پنهنجي ڏات جا جوهر چمڪائڻ شروع ڪيا ان ۾ توڙي ان کان ڪجهه اڳ سنڌ ۾ وڏا وڏا عالم، فاضل ۽ شاعر پنهنجو نالو روشن ڪري چڪا هئا. مثلن مخدوم معين ٺٽوي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مير علي شير قانع ٺٽوي، مخدوم ضياءُ الدين، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، خواجه محمد زمانُ، روحل فقير. ان کان علاوه خود سچل سائينءَ جو ڏاڏو ميان صحب ڏنو فاروقي ۽ خاص طور تي حضرت شاهه عبداللطيف رضہ جن. جنهن جي ڏات ۽ ڏاهه جا ڪرتا ڏور ڏور تائين روشني پکيڙي رهيا هئا. اهڙي پس منظر ۾ سچل سائينءَ جي اندر ۾ لڪل شاعريءَ جي ڏات جو درياهه بـه موجون مارڻ ۽ پلٽجي پاريون پرڻ لڳو هو.

شاعريءَ جي ابتدائي دور ۾ ۽ ايام شباب ۾ پنهنجا شعر پاڻ لکندو هو. جيڪي اڪثر فارسي زبان ۾ هوندا هئا. پر پوءِ مٿس استغراق جي حالت طاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کان علاوه سچل سائين پنجابي، سرائڪي، ملتانيءَ ۾ ڪافي ڪلام چيو آهي. بلڪ سندس سنڌي ڪلام تي بہ انهن ٻولين جو ڪجهہ ڪجهہ اثر نظر اچي ٿو. ان علائقائي تعلق ۽ رابطي جو اثر هو جو پاڻ پنجاب جي هن رومانوي داستان "هير رانجها" کي بہ پنهنجي تمثيلي شعر جو موضوع بنايائين.

سچل سرمست سنڌي زبان کان علاوه ڇهن ٻين زبانن ۾ بہ ڪلام چيو آهي، جنهن جي ڪري کيس "هفت زبان" شاعر بہ سڏيو ويندو آهي. فارسي زبان ۾ ديوان آشڪار، ديوان خدائي ۽ تصوف جي تعليم ڏيڻ لاءِ فارسيءَ ۾ ڪيترين ئي مثنوين بہ لکيائين جن کي بعد ۾ قاضي علي اڪبر درازي سنڌي ۽ اردوءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپرايو ۽ ڊاڪٽر عطا محمد حامي انهن جو منظوم سنڌي ترجمو ڪيو. اهي آهن، رهبر نامہ، ۾ وحدت نامہ، تارنامہ، عشق نامہ، درد نامہ، گداز نامہ، راز نامہ ۽ وصلت نامہ. (7)

"سچل سائين سرائڪيءَ جو باڪمال شاعر آهي ۽ سرائڪيءَ جي بلند پايہ شاعر حضرت خواجہ فريد کان متاثر نظر اچي ٿو. سچل بلاشبہ سنڌ ۽ ملتان جي سرائڪي شاعرن جو سرتاج آهي. (8)

سچل جا اردو زبان ۾ پنجاه غزل ملن ٿا جن جو ٿورو گهاڙيٽو ڪافيءَ سان بہ ملي ٿو ۽ انهن جو بہ مضمون صوفياڻو ئي آهي ۽ ان ۾ پراڻيءَ اردوءَ وارا لفظ ۽ محاورا ملن ٿا. سچل سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ "سچو" ۽ "سچل" تخلص ڪم آندو آهي. ۽ شعري صنفن ۾ ڪافيون، بيت، ڏوهيڙا، سي حرفيون، جهولڻا، گهڙولي ۽ غزل وغيره ملن ٿا. (9)

سچل سرمست کي شاهہ سائينءَ جي متاخرين ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. سچل سائين 1739ع ۾ پيدا ٿيو. ان لحاظ کان شاهہ جي وفات وقت پاڻ 13 سالن جو هوندو. شاهہ سائينءَ جو سندس ڏاڏي ميان صاحب ڏني فاروقيءَ سان محبت ۽ عقيدت جو رستو هو ۽ پاڻ ميان صاحب سان ملڻ لاءِ درازا شريف بہ ويندو هو. اتي ئي شاهہ لطيف جي سچل سان ملاقات ٿيل ٿي ڏسجي. ان وقت سچل پاڻ اڃان ننڍو هو جو کيس ڏسندي ئي شاهہ سائين منجهس لڪل مٽيا پرکي ورتي هئي.

## تشبيهہ ۽ استعاري جي استعمال ۾ شاهہ لطيف جو سچل سرمست تي اثر

شاعريءَ جي لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ سواءِ ان جي تہ ٻنهي بزرگ شاعرن جي ڪلام جو موضوع ساڳيو يعني "تصوف" ۽ "نظريہ وحدت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي جي وڃي ڪال، اکيون پسي آئيون
لالون ڪيون لطيف چئي، جانب جي جمال

(شاهوائي - ص 977 - بيت 11)

سر سارنگ داستان ٻارهين جي بيت نمبر 11 جي مصرع آهي.

وڄون وسڻ آيون ڪري لعل لبيس

۽ سچل لعل جي تشبيهه هن طرح استعمال ڪئي آهي:-

پورب آهي نہ پنڌ ڪڏهن ڪاپڙين کي
سي ڏيندا ويراڳي وڃي، ڪاتن مٿان ڪنڌ
هو سندن هنڌ، جو لڙ ڳڏجي لعل ٿيا

(رسالو سچل سرمست - ص 247 - بيت 18)

سر سارنگ ۾ شاهه صاحب سڄڻ کي ساوڻ جي مينهن سان تشبيهه ڏني آهي ۽ سچل ساوڻ جي مينهن کي نينهن سان ڀيٽيو آهي. شاهه سائينءَ فرمايو:

سر سارنگ، داستان ٽيون

آگر ڪيو اچن، سڄڻ ساوڻ مينهن جئن
پاسي تن وسن، جي سڀ ڄماندر سڪيا

بيت 6

سر سارنگ سچل فرمايو:

نازڪ سندو نينهن، آهي ايئن جيڏيون
پنهنجي رائي ريج ڪري، جئن ساوڻ مينهن
راز رکي ٿو ريهن، من ۾ محبوبيءَ جو

(رسالو سچل سرمست - ص 261 - بيت 8)

شاهه لطيف هن سر ۾ مينهن جي وسڪاري ۽ ان جي مختلف نظارن جو بيان فرمايو آهي. جهڙ ۾ ٿيندڙ "گوڙ" کي هو مختلف سازن جي آواز سان مستعار ڪري ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حوالا - ج : سچل سرمست


1. بدوي لطف الله، "تذڪرہ لطفي"، ٻيو ڀاڱو، آر.ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد سنڌ، ص 141.
2. مولوي حڪيم محمد صادق راڻيپوري (مرتب) "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام" ص 15
3. ساڳيو، ص 17 - 16.
4. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي "سچل جو سنيهو" سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو/حيدرآباد سنڌ 1404ھ، ص 25.
5. مولوي حڪيم محمد صادق راڻيپوري (مرتب) "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام"، ص 30.
6. ساڳيو.
7. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي "سچل جو سنيهو" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ص 27.
8. ساڳيو.
9. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1994ع ، ص 109.
10. مولوي حڪيم محمد صادق راڻيپوري (مرتب) سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام، ص 9 - 10.
11. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي "سچل جو سنيهو" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌي، ص 93.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (م) مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي شهيد

مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي خواجہ محمد زمان لنواري شريف وارن جو وڏو خليفو ۽ پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ مجتهد ٿي گذريو آهي. مخدوم گرهوڙي بابت ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو.

"سندن تعلق مگريہ قوم سان آهي. والد جو نالو سعد الله هون." (1)

سندس ولادت بابت ڊاڪٽر داﺋود پوٽو لکي ٿو:

"گرهوڙي صاحب جي جم جي پوري خبر ناهي، پر جنهن صورت ۾ سندس شهادت سن 1192ھ ۾ واقع ٿي ۽ ان وقت سندس عمر چاليهہ سال هئي، تنهن صورت ۾ قوي امڪان آهي تہ سندس ولادت 1152ھ ڌاري ٿي هوندي." جم جي هنڌ بابت لکن ٿا، "قرائن مان معلوم ٿو ٿئي تہ سندس جنم خيرپور رياست جي مشهور شهر راڻيپور ۾ ٿيو هوندو." (2)

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سندن ولادت جو هنڌ ضلع سانگهڙ، تعلقہ کپري جو ڳوٺ "واڙ" لکيو آهي. (3) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي هڪ انگريزي مقالي جو حوالو ڏيندي لکي ٿو:

"بزرگ گرهوڙي کپري تعلقي جي ڳوٺ واڙ ۾ ڄائو هو." (4)

۽ اها روايت وڌيڪ صحيح لڳي ٿي ڇو تہ اڳتي آيل احوال ۾ جڏهن خواجہ محمد زمان کيس ڳوٺ وڃڻ لاءِ چيو تہ پاڻ ميرپور خاص ويو ۽ ميرپورخاص ۽ "واڙ" ڳوٺ وارو طرف ساڳيو آهي. جڏهن تہ راڻيپور بلڪل مختلف طرف ٿئي ٿو.

ڊاڪٽر داﺋود پوٽو، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جي تعليم بابت لکي ٿو تہ ان زماني ۾ "چوٽيارون" نالي ڳوٺ وڏو علمي مرڪز هو ۽ ان جو مهتمم ميون محمد مبين هو جيڪو خود بہ هڪ وڏي پائي جو عالم هو. گرهوڙي صاحب هن بزرگ وٽان ٿي ظاهري علوم ۾ تعليم ۾ تحصيل ڪئي. سندس علمي لياقت جي باري ۾ "فردوس العارفين" ڪتاب ۾ اچي ٿو تہ کيس تنڌڙي هوندي کان ٿي ڪتابن پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق هوندو هو. پاڻ وڏو عالم ۽ مختلف مسئلن تي گهري ڇاڻ رکندو هو. ان ڪري ڪنهن بہ مسئلي تي اگر ڪير ساڻس مباحثو يا مناظرو ڪندو هو تہ پاڻ هميشہ ان تي غالب پوندو هو. (5)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرمائي ٿو:

نا اميدي آجڪو، اوجڻ اباڻن
ڪڏهن تازيءَ پٽ تي، ڪڏهن هيٺ هلن
ساميڙا سمونڊ ۾، تنبي جڙن ترن
جي واڳون وات وجهن، تہ بہ ڪسن ڪچن ڪين ڪي

(شاهوائي - ص 801)

گرهوڙي بزرگ شاهه سائينءَ جي ان مضمون کي ٻن شعرن ۾ بيان ڪيو آهي ۽ بلڪل صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ پاڻ لطيف سائينءَ جي ڪلام کان پليءَ پت واقف هو ۽ ان ئي بيان کي اڳتي وڌائي ٿو.

نا اميدي آجڪو، جيجان جوڳيڙن
سنياسي سمونڊ ۾ تنبي جڙن ترن
سدا سک وسن، تارڪي تدبير جا.

ٻئي بيت ۾ چوي ٿو.

جن دل لائي دل سان، سي سدائين سرها
تهڙا تازي پٽ تي، تهڙا هيٺ هلٿا
جي واڳوءَ وات ويا، تہ پڻ هنج حبيب جي

(ڪلام گرهوڙي - ص 253)

شاهه سائينءَ فرمايو: -

سچڻ سنيون، ڪن، لوڪان ليکي ونگيون
سنديون سپرين، پرون پروڙڻ ڏاڪڙو

گرهوڙي چوي ٿو:

لوڪ لهوارو لڏيو، وڏيو، اوپر آديسين
سچڻ سنيون ڪن، لوڪ ليکي ونگيون

(ڪلام گرهوڙي - ص 260)

شاهه لطيف.

ڪني ماضي من ۾، ڪني استقبال
حيف تنين جي حال، جني وساريو حال کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حوالا - ح : مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي


1. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، "سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس". روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1996ع - ص 436.
2. دائود پوٽو عمر بن محمد ڊاڪٽر (مؤلف) "ڪلام گرهوڙي" ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي، 1416ھ / 1995ع - ص 13، 14.
3. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، "سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس" ص 436
4. ساڳيو، ص 60.
5. ساڳيو، ص 16 - 17
6. ساڳيو، ص 16 کان 24 تائين
7. جتوئي علي نواز پروفيسر (مرتب) "شهيد گرهوڙيءَ جو سنڌي ڪلام". سهڻي پرنٽرز، حيدرآباد سنڌ 1984ع - ص 14.
8. دائود پوٽو عمر بن محمد ڊاڪٽر (مترجم و ممهد) "ابيات سنڌي". سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي
9. دائود پوٽو عمر بن محمد ڊاڪٽر (مؤلف) "ڪلام گرهوڙي" - ص 62
10. جتوئي علي نواز (مرتب) "شهيد گرهوڙيءَ جو سنڌي ڪلام" - ص 20




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پاڃو چوٿون

## باب ٽيون

## استعاره ۽ تشبيهہ نگاري جي لحاظ کان شاهہ لطيف جو سندس متاخرين تي اثر

(الف) مراد فقير (1742ع - 1796ع)

(ب) فقير محمد صديق سومرو (1756ع - 1849ع)

(ث) خليفو نبي بخش "قاسم" (1776ع - 1860ع)

(ج) حمل فقير (1809ع - 1879ع)

(ح) فقير قادر بخش "بيدل" (1814ع - 1872ع)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو آهي. ان جو اثر مراد فقير جي هن بيت تي صاف صاف نظر اچي ٿو:

شاهه سائين سر ڪارايل - داستان پهرين ۾ فرمايو:

ويا مور مري هنج نه رهيو هڪڙو
وطن ٿيو وري ڪوڙن ڪانيڙن جو
(شهواڻي - ص 1218 - بيت 29)

ويا هنج هلي، آيا ڪانو ڪنبن تي
مورن جي مراد چئي، مرن جا ڄڄهلي
چڀن سان چلي، تي مينا مقالون ڪري
(ڪنڌڙيءَ وارن جو ڪلام - 132)

شاهه لطيف ۽ مراد فقير جي ڪلام جي تشبيهه نگاري ۽ استعاراتي استعمال جي ڀيٽ مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته هي صوفي شاعر پنهنجي صوفيانه تخيل جي بيان ۾ مضمون توڙي موضوع جي لحاظ کان شاهه سائينءَ جي زير اثر آهي ۽ تصوف جي نظريه وحدت الوجود جي تشريح خاطر هن مختلف لوڪ داستانن جي تمثيل پيشڪش ۾ استعاراتي استعمال به شاهه وارو ڪيو آهي. البت تشبيهه جو استعمال تمام گهٽ ڪيو اٿس ۽ انهن ۾ به ڪا هڪ ٻه شاهه سائين جهڙي آهي.

## حوالا - الف: مراد فقير

1. لطف الله بدوي (مرتب)، "ڪنڌڙيءَ وارن جو ڪلام"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ پاڪستان - 1964ع - ص 25.
2. ساڳيو، ص 28
3. ساڳيو، ص 26



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (ب) فقير صوفي محمد صديق سومرو (1756ع - 1849ع)

"فقيرصاحب صديق رح. شاھ عبداللطيف جي وفات کان پنج سال پوءِ 1170ھ (1756) ۾ ڄائو". (1)

فقير صاحب جي زندگيءَ جي ابتدائي دور تي روشني وجهندي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو تہ سندس تعلق سنڌ جي سومرا خاندان سان هو ۽ پاڻ ٽالپرن واري دور ۾ جوانيءَ کي رسيو. ان دور ۾ هو ڏاڍو اڙدو ۽ سرڪش نوجوان هو. ڏاڍا هٺ ۽ ڏاڍ مڙسيءَ جي ڪري نالو ڪڍيائين. پر پوءِ 40 سالن جي عمر کان سندس طبيعت ۾ ڦيرو اچي ويو. پوءِ اهي زوراوريون ڇڏي ميرانپور جي درگاھ ڏانهن رجوع ڪيائين ۽ ان وقت جي سجاده نشين صوفي فضل شاھ قلندر سندس صوفيانہ تربيت ڪئي. کيس ڏها ڪڍايا ۽ مجاهدا ڪاٽايا. سلوڪ ۽ طريقت جي انهن مجاهدن ۽ نفس کي ماري مات ڪرڻ واري تربيت، سندس ڪاياپلٽي ڇڏي ۽ سندس اندر اجاري اڇو ڪيو. (2)

صوفي صديق سومري سلوڪ ۽ طريقت بابت پنهنجي مرشد جي ملفوظات "ارشاد نامي" کان متاثر ٿي "وردنامو" تصنيف ڪيو. ان کان علاوه بيتن ۽ وائين جي صورت ۾ سندس گهڻو ڪلام هئو. پر اهو سڄو محفوظ نہ رهي سگهيو ۽ هي ڪتاب "راڳ نامون" مرتب ڪيائين.

"صوفي فقير جي ڪلام ۽ تصنيف مان اندازو ٿئي ٿو تہ وقت جي رواج موجب کيس قرآن شريف ۽ فارسيءَ جي مڪتبي تعليم سٺي ملي". (3)

سنڌ ۾ صوفي بزرگن وٽ سماع جو سلسلو ڪافي قديم زماني کان هلندو رهيو آهي. بقول ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي تہ:

"سنڌ ۾ ستين صديءَ کان وٺي سماع ۾ راڳ جو سلسلو وڌيو جيڪو ڏهين کان وٺي ٻارهين صدي هجريءَ واري دور تائين عروج تي پهتو. ٻارهينءَ صديءَ هجريءَ ۾ حضرت شاھ لطيف جي ڪلام ڳائڻ سان شاھ جي راڳ جو بنياد پيو ۽ شاھ جو رسالو بہ خاص طرح راڳ جي لحاظ کان سرن ۽ داستانن ۾ ورهايو ويو. ان کان پوءِ صوفي محمد صديق فقير شاھ شهيد جي درگاھ تي غالباً 1230 کان 1243ھ واري دور ۾ راڳ شروع ڪرايو ۽ ان ۾ ڳايل ڪلام بابت هي راڳ نامو تاليف ڪيو جيڪو شاھ جي رسالي واري راڳ نامي کان پوءِ ٻئي نمبر تي هو. (4)

صوفي فقير محمد صديق سومري جو ڪلام، 27 سرن ۾ ترتيب ڏنل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داستان چوٿون

ڪونج نہ پسين ڪڪ، ڍِپ جن سين ڍيو
ماريءَ ماري لڪ، وڳر هٿي ويڇون ڪيا

(شهوائي - ص 1265 - بيت 16)

ڪونج نہ لکئو پاڻ، جو ماريءَ سندي من ۾
اوڃتي پرياڻ، وڳر هٿي ويڇون ڪيا

(شهوائي - ص 1265 - بيت 17)

سومري فقير ساڳيو استعاراتي استعمال ڪندي، مضمون ۽ بيان ۾ بہ شاهه سائينءَ جي زير اثر نظر اچي ٿو. چوي ٿو،

ڍِپ نہ پسين ڍڪيو، ڪونج نہ پسين ڪانهہ
ماريءَ سندي ڏانهہ، ڪهہ تون ڪنين نہ سٺي

بيت 54

ڍِپ نہ پسين ڍڪيو، ڪونج نہ پسين ڪڪ
ماري ماري لڪ، وڳر سڀ ولها ڪيا

(راڳ نامون - ص 8 - بيت 55)

سر ڏهر ۾ شاهه سائين لاکي ۽ اوڏن جو بہ ذڪر ڪيو آهي شاهه سائين فرمائي ٿو.

لاکا لڄ سنڌياءِ، اوڏ اگلي آهيان
پڪا سي پرتاءِ، جي اڄهي تهجي اڏيا

(شهوائي - ص 1273)

فقير صاحب، "اوڏ اگلي آهيان" کي تضمين طور استعمال ڪندي لکي ٿو.

اوڏ اگلي آهيان، ڪٿو مٿو جون
جن جو ترهو تون، لاکا جو لڄائين

(راڳ نامون - ص 2)

راڳ نامي ۾ ٻئي نمبر تي "سر وهاڳڙو". هن ۾ مضمون ۽ موضوع توڙي انداز بيان، شاهه سائينءَ جي "سر پرڀاتي" وارو آهي جنهن ۾ شاهه سائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرهي ڪچيءَ ول جي، ٻوٽي آئي ٻوءِ
تنهن اڪن مٿي اوجهري، رنگ وڃايو روءِ
اٽي جي صبوح، تہ چانگو چندن نہ چري

(راڳ نامون - ص 45)

ان بعد وري اهو ڪرهو سنڌين وات تي اچي ٿو ۽ ڪانڊيرا، اڪ ۽ لاٿيون (ٻچڙايون، گناهہ) ڇڏي، چندن ۽ ڪوڙيءَ، (نيڪيون) جا ڏار ٿو چري.

ميو ماٺي آئيو، ڪي جو ڪنهين پت
راتو ڏينهان روح ۾، ميي سائي مت
چندن ڪيائين چت، ڪانڊيرا ڪين چري

(راڳ نامون - ص 46 - بيت 33)

ان بعد فقير شاهہ جا هي بيت ڏئي ٿو

ڪتوريءَ ڏار چري، ويهي منجهه وڳ
ماءِ منهنجي ڪرهي، پتر پڳ مَ لڳ
جڳ سان جيهو جڳ، هينئين سان هت چري

بيت 34

جتي ڪوڙ بہ ڪانيون، پنجين لکين پن
تنان چاڻي چڳيون، ميي رتمن
تنهين سندو پن، ڪوماڻو ڪوڙ لهي

(راڳ نامون - ص 16، 47 - بيت 35)

"ڪنيات" کان پوءِ سر "ليلا چنيسر" جي ٻنهي مکيہ ڪردارن ۽ هاريا مٿيي جو استعاراتي استعمال بہ هن داستان جي تمثيل ۾ فقير شاهہ صاحب وارو ڪيو آهي.

شاهہ سائينءَ جو بيت،

جي ڪارون آئي ڪانڌ کي، تہ روئي ريجهائيج
ليلا ليلائج، اٽي ماڳ منٿ جو

(شهواڻي - ص 686)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکين ذات پيو، هيٺڙو لوھ سنداڻ جئن

۽ شاهہ سائين سر يمن ڪلياڻ ۾ فرمائي ٿو.

سهي جئن سانداڻ، ڏکن مٿي ڏکڙا
وہ ورچائي پاڻ، ڏي ڏهائون ڏگرين

(شهوائي - ص 149)

سورن ۽ دردن جي گهڻائيءَ لاءِ فقير چيو.

شاخون ڪيو سرير ۾، تا وڻ جيئن وڌن
سڄڻ تان نہ اچن، آيل اوريان ڪن سين

(راڳ نامون - ص 55 - بيت 10)

شاهہ سائينءَ سر روپ ۾ فرمايو.

گالهيون پيٽ ورن ۾ وڏي وڻ ٿيون
پر سين مون نہ ڪيون، گوشي پرين نہ گڏيا

(شهوائي - ص 1027)

روئڻ ۽ هنجون هارڻ کي مندائي مينهن سان تشبيهہ ڏيندي فقير صاحب چيو.

صدا - ٿل - اڳي اکڙين، ڪوهہ اوجاڳو نہ ڪيو

مصرع 2 - مندائتي مينهن جئن، اوہ لايو جهڙ جهمن

(راڳ نامون - ص 56)

هي تشبيهہ شاهہ سائينءَ جي ڪلام ۾ نہ تمام گهڻي آئي آهي.

تشبيهہ کان علاوہ شاهہ سائينءَ جهڙو استعاري جو استعمال هن سر ۾ فقير صاحب بہ ڪيو آهي مثلن:

پاهر پاڻ نہ نڪري، اندر ڏانيد پرن
ڏڻ جو لايو سڄڻين، سي مگر ماڻ نہ ڪن
سي ڪيئن اجهامن، جن جا جهوڪينڊ سيرين

(راڳ نامون - ص 59 - بيت 24)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پـري پتنـگ آئيـا، سـري وٽ سـاهي
اچـي پيـا آڳ ۾، ڪـڏي سـپ ڪـاهي
لڳاپـا لاهـي، ڪاٺـا ڪـوري وچ ۾

(شاهوائي - ص 107 - 108)

۽ فقير صاحب چوي ٿو:

پـري پتنـگ آئيـو، سـري سـاهي وٽ
ڪيـن ڪرينـدو گهـٽ، مٿـو ڏينـدو مـچ ۾

(راڳ نامون - ص 88)

سري يمن ڪلياڻ ۾ شاهه سائينءَ فرمايو:

تـون حبيب تـون طبيـب، تـون درد جـو دارون
دوا آهـن دل ڪـي، تنهنجـون تنـوارون
ڪريان تي ڪارون، جئن ٻڪي ٻينئون نـہ ٿئي

(شاهوائي - ص 96 - 97)

صديق فقير جو بيت آهي

تـون حبيب تـون طبيـب، تـون درد جـو دارون
آءٌ عـاجز آهيـان، تـون سـگهيون لهيـن سـارون
ڪريان تي ڪارون، جئن ٻڪي تنهنجي هٽ ۾

(راڳ نامون - ص 94)

سر سهڻيءَ ۾ شاهه سائين فرمائي ٿو:

گهـڙو ڀڳـو تـہ گهوريـو، پاڻـان هـو حجـاب
واجـٽ وڃـي وجـود ۾، رهيـو روح ربـاب
سـاهڙ ريءَ صـواب، آئـون گهـٽو ٿـي گهوريـان

(شاهوائي - ص 371 - 372)

فقير صاحب ساڳيو مطلب بيان ڪندي چوي ٿو:

گهـڙو ڀڳـو تـان گهريـو، پاڻـان هـو حجـاب
مـون کي سـڪ سـاهڙ جي، ڪهـي ڪيـو ڪبـاب
ڪونهـي ٻيـو جـواب، جـي ڏنـي ريءَ نـہ جـڙي

(راڳ نامون - ص 101)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن سمي گهر گندرا، تڏهن لاڪي گهر اوڏ

(راڳناموں - ص 229)

شاهہ سائين تماچيءَ جي استعاري کي واضح ڪندي هڪ بيت ۾ فرمائي ٿو:

نہ ڪنهن ڇائو ڇار کي، نڪو ڇار ويا
ننڍيءَ وڏي گندري، سين آهہ سيا
"لم يلد ولم يولد"، اي نجابت نيا
ڪبر ڪبريا، تخت تماچيءَ ڇار جو

(شاهوائي - ص 869)

صوفي "صادق" چوي ٿو:

سمو سپنڻون اگرو، سمي ڪونهي ثاني
جنهن ڪيو جهنگ جلوس سين، آهس عرفاني
تڙ تڙ تماشو ٿيو، نرمل نوراني
جي فڪر ۾ فاني، سي اگڻ تماچي آئيا

(راڳ ناموں - ص 230)

سر "ڪارايل" ۾ شاهہ سائين مور ۽ هنج کي آندو آهي صديق فقير "سر ڪارايل" ۾ ساڳيو استعاراتي استعمال ڪندي، چوي ٿو:

مورن ماندائا ڪيا، سرتي سانجهي وار
ستون ڏين سين کي، ڪارايل ڪنڌار
ماري نانگ اپار، وہ پيتائون وٽئين

(راڳ ناموں - ص 238)

هنجن لاءِ چوي ٿو:

هنج سدائين ڏهرا، پکي پيا مچن
ماريءَ سندو مامرو، ورہ ويچارن
ڪنبن ۽ ڇٽن، پٽون جي پاتار جا

(راڳ ناموں - ص 241)

هن مجموعي ۾ فقير صاحب جو آخري سر "بروو" آهي، جنهن ۾ هن شاهہ صاحب جون مختلف سرن ۾ استعمال ٿيل بہ تشبيهون پنهنجي هن بيت ۾ استعمال ڪيون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنيـون سـڪو ڪـاٽ جـئـن، وڏي ڦـو واڍو
ڏکـن ڪيـو ڏاڍو، وهـي واريءَ مـٽ جـئـن

(راڳ نامون - ص 242)

صوفي فقير محمد صديق "صادق" سومرو جي ڪلام ۽ شاهه سائين جي ڪلام ۾ ڪيل هن پيٽ مان ان ڳالهه جي چٽائي لڳي ٿي تہ فقير صاحب شاهه سائينءَ ۽ ان جي ڪلام مان تمام گهڻو متاثر هو. هن جي پنهنجي هن متقدم شاعر ۽ صوفي بزرگ سان محبت جو چٽو ثبوت سندس ڪلام آهي، جنهن ۾ هن شاهه سائينءَ جون بيشمار مصرعون تضمين طور ڪم آنديون آهن ۽ روحاني تمثيلون توڙي انهن ۾ ڪردارن ۽ مڪانن جو استعمال بہ بلڪل ساڳيو شاهه سائين وارو ڪيو اٿائين. فقير صاحب جي شاعريءَ ۾ تشبيهه جو استعمال تمام گهٽ آهي. انهن ۾ بہ سواءِ چند جي پيون تشبيهون اهي ئي آهن جيڪي شاهه سائينءَ استعمال ڪيون آهن.

شاهه سائينءَ جي پنهنجي همعصرن يا متاخرين سان تقابلي تجزئي ۾ بہ اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ جهڙي طرح فقير صاحب شاهه سائينءَ جون مختلف طريقن يعني مضمون، موضوع، بيان، استعاري ۽ تشبيهه ۾ اثر ورتو آهي. ان حد تائين اثر ڪنهن ٻئي تي نظر نہ ٿو اچي.

## حوالا - ب : فقير صوفي محمد صديق سومرو

1. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (تحقيق، تصحيح ۽ مقدمو) "راڳ نامون فقير صاحب صوفي محمد صديق جو." شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، حيدرآباد سنڌ، 1401هه /1981ع - ص - 2.
2. ساڳيو، ص -3.
3. ساڳيو، ص - 3.
4. ساڳيو، ص 6 - 7.
5. ساڳيو، ص - 15.
6. ساڳيو، ص - 22.
7. ساڳيو، ص - 23.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اٿئي سڪ سرڪ جي تہ ونءُ ڪلاڙڪي گهر
وڍڻ، چيرڻ، چچرڻ پهڻ انين جي پر
جي وٽي پريئي ور، تہ سهنگي آه سيد چئي

(شهوائي - ص 73-74 - بيت 21)

سر يمن ڪلياڻ

گهٽن ۾ گهٽڪن، وٽيون پٽن وهہ گاڏيون
برخيز بنده ساقي، پيار ڪي پرين
پڪين نہ پرچن، مٽ تڪيائون منجهيان

(شهوائي - ص 116)

خليفي صاحب جو سر ڪلياڻ، فصل پهريون:

پرين جي پچن، ڪاتي پچي تن کي
عاشق ڪري ڪترا، پٺا وجهي ٿي پن
ودياٿي وهن، جي ڪوٺي ڪنا سچٽين

بيت 2

قاصائڪو ڪم ڪنهن ڪوڻ سڪين سپرين
هڏ چچرين چم، ڪاٺيون ڪرين گترا

(خليفي صاحب جو رسالو متن - ص 3 - بيت 4)

فصل ٻيو

مٿا مائيءَ وٽ ڪالهہ ڪلالن ڪاٺئا
ڪلالئي ڪات کي کهندي چڙهي نہ ڪٽ
قاسم ان ڪڪوه جو گهٽ گهٽي ٿو گهٽ
مٿي سري سٽ، آهي عاشق جي

بيت 1

مٿو مٽ نہ مٽ جو، مٽ مهانگو آه
قاسم ڪج ڪلال! تون کهندي ڪٺ م ڪا
سر سنپالير سپرين، تورڻون توهي لاءِ
صدقو ڪريان ساهہ، پيئندي پهرين پڪ تان

(خليفي صاحب جو رسالو متن - ص 4 - 5 - بيت 3)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خليفي صاحب به ساڳيو مضمون ساڳي استعاراتي استعمال هيٺ ڇيو آهي.

هڪ پيالو ٻه ڄڻا، عشق نه پرچي ات
ماپن ڪين مياڻ ۾، ٻه تراڙيون تت
اي پر آهي ات، جت ناتو ناهه ڪو

(خليفي صاحب ۽ رسالو - متن - ص 196)

ان بعد سر ڪارايل ۾ خليفي هنج توڙي ڪانگ، تانگهي ۽ اونهي پاڻيءَ يا ان سر جو اهوئي استعاراتي استعمال ڪيو آهي جيڪو ڀٽائي سائينءَ پنهنجي سر ڪارايل ۾ ڪيو آهي ۽ ڪانئن اڳ جو صوفي شاعرن مثلن شاهه ڪريم بلڙيءَ واري ۽ شاهه عنايت وغيره به ڪيو. شاهه سائين سر ڪارايل جي داستان پهرين ۾ فرمائي ٿو:

بيت 27

هنج مڙيو ٿي هنج، ميرو منجهن ناهه ڪو
جتي رهن سنجهه، سو سر ڪن سرهو

(شهوائي - ص 1217)

هنج ۽ سر جو ساڳيو ئي استعمال ڪندي خليفو چوي ٿو:

هنجهه ملي ٿو منجهه، تري نه تانگار ۾
جنهن سر پوندو سنجهه، سو سر ڪندو سرهو

(خليفي صاحب جو رسالو - متن - ص 200)

شاهه صاحب فرمايو:

ويا مور مري، هنج نه رهيو هيڪڙو
وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانئيرن جو

بيت 29

سرهو سر وڃائيو، ڪوڙن ڪانئيرن
رنا روهه وڃن، ڪه هيٺائيءَ ڪان هنجهڙا

(شهوائي - ص 1218 - بيت 30)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب شاھ سائين جي ڪلام کان ڀلي ۽ پت واقف هو. پاڻ شاھ سائين جي وفات کان 25 سال پوءِ ڄائو هو. ان دور ۾ شاھ سائين جو ڪلام ڪهڙي طرح لکت ۾ محفوظ هوندو، ان جو ڪجھ چٽي نہ ٿو سگھجي. پر ان جو هڪ مسودو گنج ان وقت بہ موجود هوندو. خليفي صاحب جو بہ شاھ سائين وانگر "لاڙ" سان تعلق هو ۽ عين ممڪن آهي تہ پاڻ شاھ جو ڪلام پڙهيو اٿائين، جنهن جو اثر بہ قبول ڪري، پنهنجي ڪلام منجھ ظاهر ڪيائين.

# حوالا - ث : خليفو نبي بخش

1. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ (تصحيح ۽ تحقيق)، "خليفي صاحب جو رسالو" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان. 1996ع - ص - 11 - 12.
2. ساڳيو، ص 13.
3. ساڳيو، ص 13.
4. ساڳيو، ص 16.
5. ساڳيو، ص 22.
6. ساڳيو، ص 22 - 23.
7. ساڳيو، ص 31.
8. ساڳيو، 32.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (ح) حمل فقير (1809ع کان 1879ع)

حمل فقير، ذات جو لغاري بلوچ هو. سندس والد جو نالو رحيم خان هو. سندس وڏا مير ڪاٽي لغاري، ٽالپرن جي حڪومت جي اوائل ۾ ديرہ غازي خان مان لڏي، اچي خيرپور رياست ۾ ويٺا ۽ اتي پنهنجو ڳوٺ نالي مير خان لغاري ٻڌائون. (1)

حمل فقير پنهنجي اباڻي ڳوٺ "مير خان لغاري" ۾ تقريبن سن 1225هہ، 1809ع ڌاري ڄائو. رئيس ميان سعيد خان کيس پاڻ سان سبزل ڪوٽ ۾ رهايو ۽ ممڪن آهي تہ سندس تعليم ۽ تربيت نواب صاحب جي زير نظر ٿي هجي. بهرحال سندس علمي لياقت جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو تہ وقت جي رواج موجب پاڻ چڱي خاصي فارسي تعليم حاصل ڪيائين. خيرپور رياست ڇڏڻ کان پوءِ ڳوٺ مير خان لغاري، تعلقہ سڪرنڊ ۾ پنهنجو مڪتب جاري ڪيائين ۽ پاڻ نهايت ڪامياب ۽ هنرمند استاد هوندو هو.(2)

حمل فقير جا سماجي تعلقات بہ تمام وسيع هئا. جنهن جو سبب سندس خوش طبعي، علمي لياقت ۽ شاعري هئا. هو خود بہ ڪچهريءَ جو ڪوڏيو هو ۽ سنڌ جي گهڻن اعليٰ خاندانن سان سندس دوستاڻا تعلقات هوندا هئا. حڪمران ٽالپر خاندان ۽ پير صاحب پاڳاري وٽ بہ سندس اچڻ وڃڻ جو دستور هو. (3)

حمل فقير جي روحاني وابستگي لنواري شريف جي بزرگن سان هئي. پاڻ ان خاندان جي خواجہ محمد حسن مدنيءَ جو دست بيعت مريد هو. (4)

پنهنجي مرشدن سان گهري محبت ۽ عقيدت جو اظهار هن پنهنجي مديحي ڪلام ۾ خوب ڪيو آهي جيڪو سندس ڪلام جي مجموعي "ڪليات حمل" ۾ "لنواريات" جي عنوان هيٺ درج ڪيل آهي.

ان مديحي ڪلام کان پوءِ پاڻ سنڌ ۾ رائج مشهور رومانوي قصن ۾ روحاني تمثيلون بيان ڪيون اٿس. جن ۾ ڪردارن، ماڳن مڪانن جو استعاراتي استعمال ڪيو آهي. ان استعاراتي استعمال ۾ هن تي شاهہ لطيف جن جو اثر بلڪل نمايان آهي. پر تشبيهہ نگاري هڪ تہ سندس ڪلام ۾ آهي بہ گهٽ ۽ ان تي شاهہ سائينءَ جي تشبيهہ نگاريءَ جو ڪو خاص اثر نظر نہ ٿو اچي. حمل فقير سرن ۾ سسئي، مارئي، سهڻي، مومل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڳو، سارنگ، ڪانگل، بروو سنڌي چيا آهن. پر انهن ۾ بيتن توڙي واين جو تعداد گهٽ آهي.

## شاهه سائينءَ جي استعاري ۽ تشبيهه نگاريءَ جو حمل فقير تي اثر

حمل فقير جيڪو شاهه سائينءَ جي وفات (1752) کان صرف 57 سال پوءِ سن 1809 ۾ ڄائو. تنهن تي مختلف طريقن سان شاهه سائينءَ جو اثر نظر اچي ٿو. مثلن رومانوي داستانن جو تمثيلي بيان. انهن جي ڪردارن جو استعاراتي استعمال. ان کان علاوه سندس ڪلام موضوع ۽ مضمون جي لحاظ کان بہ شاهه سائينءَ جي زير اثر آهي. البت هڪ ڳالهه روز روشن جيان پڌري نظر اچي ٿي تہ شاهه سائينءَ جو هي متاخر شاعر، شاهه سائينءَ جي زبان ۽ بيان توڙي خوبصورت لفظي ۽ محاوراتي ترڪيب ۾ شاهه سائينءَ جي معيار کان تمام گهڻو هيٺ آهي.

سسئي پنهون جي تمثيلي بيان ۾ شاهه سائين سسئي يعني سالڪ (استعاري طور) کي چوي ٿو. سسئي آبري - داستان پنجون

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪــــــه پرياڻ
"ونحن اقرب اليہ من حبل الوريد" تهجو توهي ساڻ
پهنجــو آهــي پــاڻ، آڏو عجيبــن ڪـــي

(شهوائي - ص 409 - بيت 15)

حمل چوي ٿو:

سسئي توکي سور، جوش جنهين آهي جت جو
ســو پنهــون الــي پــاڻ ۾، تــاحق ڏور مَ ڏور
توکــي هــت حمــل چئــي، حــاصل حــج حضــور
پرڻ اکيون تون پور، تان هوت تنهنجي هنج ۾

(ڪليات حمل - ص 144 - بيت 12)

لفظي تڪرار يا مصرعن جي وراڻ جا بيت بہ حمل فقير وٽ آهن. سر سسئيءَ ۾ لڳاتار تيرهن بيتن ۾، آڏا ڏونگرا ڏاڪڙا جي اڌ مصرع جو تڪراري استعمال ڪيو اٿائين.

سر سسئيءَ کان پوءِ حمل فقير سر مارئيءَ ۾ مارئي عمر، ملير ماڙيون، عمر ڪوٽ، پنهوار، ويڙهيچا، وغيره جو شاهه سائينءَ واروئي استعاراتي استعمال ڪيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قيد الما" ٿيو م، هت اڙانگي گهاريان
هناڪ جسمي والفواد لديڪم، هينئون هت سندوم
قادر شال ڪندوم، ميڙاٿو سين ماروئين

(شهوائي - ص 770 - 771 - بيت 10)

حمل ان صورتحال کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

مارن جي منهن لاءِ، سڪي سارو جندڙو
ڪيو منهن مليرڏي، جهليان وطن وا
حمل چئي هن مارُئين، رهڻ ناهه روا
ڪاتي "قيد الما" وري ويڙهيين وجان

(ڪليات حمل - ص 150)

سر سهڻيءَ ۾ شاهه سائين درياهه جو هيبت ناڪ ماحول بيان ڪندي، سهڻيءَ جي ميهار سان ملڻ جي تانگهه بيان ڪندي داستان چوٿين ۾ فرمائي ٿو:

ڪارا ڪن، ڪاري تکي، جت ڪاريهر ڪڙڪا
مٿي متي مهراڻ ۾، اچن ڊپارا ڏڪا
ويندي ساهڙ سامها، جهول ڏنس جهوڪا
ڪرڪن جا ڪڙڪا، سونها ٿيڙس سير ۾

بيت 4

ڪرڪن خوش ڪياس، محبتي ميهار جي
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، آڏيءَ اٿيياس
ستي جاڳاياس، سانير سپيرين جي

(شهوائي - ص 311 - 312 - بيت 5)

حمل فقير چئي ٿو:

ڪرڪن جي ڪڙڪار، تند وڃائي نار جي
سهڻيءَ سمهڻ وه ٿيو، تن جهين ڪي تار
گهڙي تي گهڙي پوي، سڏي رب ستار
اڳيئون آب اڇ گهڻي، پيو سهس وتن سيسار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حمل فقير وٽ تمام گهڻو ملي ٿو. اهو لفظ يا مصرعي وراڻ يا تڪراري استعمال، باقائده صورت ۾ سڀ کان اول شاهه لطف الله قادريءَ جي ڪلام ۾ ملي ٿو. جيڪو بعد وارن شاعرن ۾ آندو.

شاهه سائينءَ ۽ حمل فقير جي ڪلام جي پيٽ مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته حمل فقير، موضوع، مضمون، بيان، تمثيل ۽ استعاري جي استعمال ۾ شاهه سائينءَ جو ڪافي اثر قبول ڪيو آهي. تشبيهه جو استعمال حمل فقير جي ڪلام ۾ گهٽ آهي ۽ مٿس شاهه سائينءَ جي تشبيهه نگاريءَ جو ڪو اثر نظر نه ٿو اچي.

## حوالا - ج : حمل فقير

1. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (سهيڙيندڙ، سوڌيندڙ، سلجهائيندڙ) "ڪليات حمل" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ 1968ع - ص 1 - 2
2. ساڳيو، ص 5 - 6
3. ساڳيو، ص 7 - 8
4. ساڳيو، ص 11 - 13



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق مجازي، انساني فطرت کي پاڻ ڏي مائل ۽ گهائل ڪري ٿو. ڪي خدا جا ٻانها آن مجازي حسن ۽ عشق جي منزل پار ڪري محبوب حقيقيءَ جي عشق ۾ قدم رکن ٿا ۽ آخر فنا في الله جي منزل ماڻين ٿا. سنڌي صوفيانہ شاعريءَ ۾ اڪثر شاعرن جي ڪلام ۾ اهائي ترتيب رهي آهي. فقير بيدل جو نالو بہ انهن شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو.

بيدل فقير تمام گهڻو ڪلام چيو آهي ۽ نہ صرف سنڌيءَ ۾ پر سرائڪي، هندي، اردو، فارسي ۽ عربيءَ ۾ بہ شاعري ڪئي اٿس. انهن مڙني ٻولين کي گڏي پاڻ هڪ مخمس بہ تيار ڪيائين جنهن جي هر بند ۾ هر هڪ ٻوليءَ جي هڪ هڪ مصرع ڏني اٿس. بيدل شاعريءَ کان علاوہ مختلف موضوعن تي تمام سٺو نثر بہ لکيو آهي. سندس تصنيفات جو هڪ وڏو انگ آهي جنهن ۾ نثر توڙي نظم ٻنهي جا ڪتاب شامل آهن.

(1) مثنوي رياض الفقر (فارسي مثنوي)

(2) ديوان سلوڪ الطالبين (فارسي غزل)

(3) رموز القادري (فارسي نظم ۾ قصيدہ غوثيہ جي شرح)

(4) ديوان منهاج الحقيقت (فارس غزل)

(5) مثنوي نهر البحر (فارسي مثنوي، روميءَ جي طرز تي)

(6) رموز العارفين (فارسي مثنوي)

(7) تقويت القلوب في تذڪرت المحبوب (فارسي نثر)

(8) پنج گنج (بيدل صاحب دليل ڏيندي قرآن، حديث، رومي، ڄامي ۽ ڪنهن بزرگ جا قول گڏ ڪيا آهن.

(9) قرت العينين في مناقب السبطين (فارسي نثر)

(10) ديوان مصباح الطريقت (فارسي نثر)

(11) فوائد المعنوي (عربي مقولا ۽ سنڌي ترجمو)

(12) سند الموحدين (فارسي نثر ۽ نظم)

(13) وحدت نامہ (سنڌي ۽ سرائڪي بيت)

(14) لغت ميزان طب (فارسي نثر ۾ طب جي لفظن جي لغت)

(15) في بطن احاديث (فارسي نثر ۾ حديثن جي سمجهاڻي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(16) سرود نامہ (سنڌي ۽ سرائڪي بيتن، ڪافين ۽ سہ حرفين جو مجموعو)

(17) تاريخ ھائي وفات (سنڌ ۽ ھند جي مشھور بزرگن جي وفات جون تاريخون)

(18) انشاء قادري (فارسي خط)

(19) قصيدہ ھير رانجھو (فارسي نظم)

(20) عقائد (فارسي ۽ عربي نثر توڙي نظم ۾ پنھنجا عقيدا لکيا اٿس)

(21) منتخب قصہ ليلا مجنون (فارسي نظم)

(22) ديوان بيدل (اردو ۽ ھندي غزل) (6)

بيدل فقير جون ھي تصنيفات ان ڳالھ جو جيئرو جاڳندو ثبوت آھن تہ پاڻ باقاعدہ تعليم ۽ تحصيل يافتہ ھو. ۽ اھا ڳالھ ڪرڻ تہ "الف" کان اڳتي پڙھڻ کان نابري واري ڏنائين. محض ان لاءِ ڪئي وجي ٿي تہ سندس پيدائشي درويشيءَ کي ظاھر ڪيو وڃي ۽ ھن خطي ۾ اھڙيون روايتون ڪافي بزرگن سان منسوب آھن. (جڏھن تہ باقاعدہ تعليم يافتہ ھجڻ سان انھن جي شان ۽ بزرگيءَ ۾ ڪنھن بہ قسم جي ڪمي واقع نہ ٿي ٿئي).

بيدل فقير جي شاعريءَ جو اھم موضوع، نظريہ وحدت الوجود يا ھمہ اوست جي صوفيانہ نظريہ جي تشريح رھيو آھي. ان لحاظ کان پاڻ سنڌ جي صوفي شاعرن جي لڙھيءَ جو ھڪ آبدار موتي آھي. توڙي جو پاڻ مجازي عشق بہ ڪيائين پر پنھنجي ڪلام ۾ ان کي بنھ نہ جھڙي جڳھ ڏني اٿس، جو تہ ھن مجازي عشق کي محض، عشق حقيقيءَ تائين پھچڻ جو ھڪ ذريعو سمجھيو ھو. ان نظرئي کي پاڻ پنھنجي عربي تصنيف (فوائد المعنوي) ۾ وضاحت سان بيان ڪيو اٿس. نظريہ وحدت الوجود جي نظرئي جي تشريح ۾ بيدل فقير حضرت سچل سرمست کان تمام گھڻو متاثر آھي، ۽ ان وارو طريقو اختيار ڪيو اٿس. ٻين صوفي شاعرن جي مقابلي ۾ ان جو مٿس تمام گھرو اثر آھي، جنھن جو سبب ھي بہ ٿي سگھي ٿو تہ ٻئي ساڳيءَ جوءِ جا رھاڪو ۽ ماڳن جي لحاظ کان قريبي پاڙيسري ھئا. سچل سائين 1829ع ۾ وصال ڪيو آھي ۽ بيدل فقير 1814ع ۾ ڄائو آھي. يعني بيدل 15 ڪن سالن جو اپرندڙ جوان ھو جڏھن سچل وفات ڪئي. عين ممڪن آھي تہ ھن روبرو سچل کي ڏٺو بہ ھجي.

سنڌ جي اڪثر صوفي شاعرن وانگر بيدل بہ تصوف ۽ نظريہ وحدت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حوالا - ح - فقير قادر بخش بيدل


1. عبدالحسين شاهه موسوي (مؤلف) "ديوان بيدل" سنڌي ادبي بورڊ بڪ اسٽال، تلڪ چاڙهي حيدرآباد 1954ع - ص 3.
2. ساڳيو، ص 3
3. ساڳيو، ص 46
4. ساڳيو، ص 3
5. ساڳيو، ص 4
6. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1994ع - ص 181.
7. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، "سنڌي ادب جو تنقيدي اپڀاس"، ص 504.
8. ساڳيو، ص 506 - 507.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

26. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر (تصحيح ۽ تحقيق) "راڳ نامون فقير صاحب صوفي محمد صديق جو". شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد سنڌ. 1401ھ /1981ع.

27. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر (تصحيح ۽ تحقيق) "خليفي صاحب جو رسالو". سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ پاڪستان 1966ع.

28. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر. "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" ڇاپو ٽيون. سنڌ يونيورسٽي پريس. ناشر. پاڪستان اسٽڊي سينٽر ڄامشورو.

29. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر. "ٻيلاين جا ٻول" ٻيو ڇاپو. زيب ادبي مرڪز حيدرآباد 1970ع.

30. ٺڪر هيرو جيٺانند. "قاضي قادن جو ڪلام" پوجا پبليڪيشنس لارينس روڊ دهلي. 1978.

31. جوٽيجو عبدالجبار ڊاڪٽر. "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ". روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو - 1990ع.

32. جوٽيجو عبدالجبار ڊاڪٽر. "سنڌي شاعريءَ تي فارسيءَ جو اثر" (پي ايچ ڊي ٿيسز) انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. سنڌ يونيورسٽي پريس ڄامشورو 1980ع.

33. جوٽيجو عبدالجبار شاھ. "ڪنزل اللطيف" (ڀاڱو پهريون) ابراهيم پريس حيدرآباد 1961ع.

34. جويو محمد ابراهيم. "شاھ سچل سامي" روشني پبليڪيشنس ڪنڊيارو 1990ع.

35. جويو محمد ابراهيم. "ادب ٻولي تعليم" سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت سنڌي ادبي بورڊ پريس. سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 1998ع.

36. حميد سنڌي. (مرتب) "سر رامڪلي" شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي ڀٽ شاھ /حيدرآباد. 1793ع.

37. دائود پوٽو عمر بن محمد ڊاڪٽر (مرتب) "ابيات سنڌي" سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي 1929ع.

38. دائود پوٽو عمر بن محمد (سوڍيندڙ. سنواريندڙ) "شاھ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" شاھ عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاھ 1977ع.

39. دائود پوٽو عمر بن محمد ڊاڪٽر (مؤلف) "ڪلام گرهوڙي" ثقافت و سياحت کاتو. حڪومت سنڌ ڪراچي. 1416ھ /1995ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

40. دائود پوٽو خانم خديجه (سهيڙيندڙ) "مضمون ۽ مقالا، علامه عمر بن محمد دائود پوٽو" شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد، ڀٽ شاهه 1399هه/1978ع.

41. راشدي حسام الدين، "مهراڻ جون موجون" پاڪستان پبليڪيشن حيدرآباد - 1964ع.

42. سانگي مير عبدالحسين، "لطائف لطيفي"، مترجم عبدالرسول قادري شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه حيدرآباد 1407هه/1986ع.

43. سٽايو غلام نبي ڊاڪٽر، "شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري" (پي ايچ ڊي ٿيسز)، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه حيدرآباد 1992ع.

44. سريوال غلام عباس (مترجم) "الغزالي" نسيم بڪ ڊپو، حيدرآباد 1986ع.

45. "سر ڪلياڻ جو مطالعو"، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد - 1390هه/1970ع.

46. "سر ڪنڀات جو مطالعو"، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد 1392هه/1972ع.

47. "سر ساموندي جو مطالعو"، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد، 1394هه/1974ع.

48. "سر سهڻي جو مطالعو"، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه 1395هه/1975ع.

49. "سر سسئي آبري جو مطالعو" شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد، 1396هه/1976ع.

50. سورلي ايچ ٽي، "ڀٽ جو شاهه" مترجم عطا محمد ڀنڀرو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1992ع.

51. سيد جي ايم، "پيغام لطيف" روشني پبليڪيشنس ڪنڊيارو، 1988ع.

52. سيوهاڻي حڪيم فتح محمد، "آفتاب ادب عرف ساهت جو سچ" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ 1974ع.

53. "شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ اسلامي قدر"، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه 1418هه/1997ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

54. "شاهہ عبداللطيف ڀٽائي - چونڊ مضمون"، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ 1418هہ/1997ع.

55. شيخ محمد ابراهيم خليل ڊاڪٽر، "ادب ۽ تنقيد" زيب ادبي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد 1975ع.

56. شيخ محمد ابراهيم خليل، "رهنمائي شاعري" ڀاڱو ڀهريون، سنڌي ادبي مرڪز حيدرآباد 1956ع.

57. عباسي تنوير، "شاهہ لطيف جي شاعري" ٽن جلدن ۾، نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ 1989ع.

58. عباسي تنوير، "سنڌ جا عظيم صوفي بزرگ"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1981ع.

59. علي نواز جتوئي پروفيسر (مرتب) "شهيد گرهوڙيءَ جو سنڌي ڪلام" سهڻي پرنٽرس الهندو ڪچو حيدرآباد سنڌ 1984ع.

60. فهميده حسين ڊاڪٽر، "شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ" پي ايچ ڊي ٿيسز، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ /حيدرآباد، 1414هہ/1993ع.

61. "قاضي قادن جو ڪلام - هيرو نڪر" (سنڌ ۾ ان جو اڀياس) روشني پبليڪيشنس ڪنڊيارو - 1996ع.

62. قانع مير علي شير، "تحفتہ الڪرام" (سنڌي ترجمو) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ 1957ع.

63. گرامي غلام محمد مولانا، "عرفان لطيف" مڪتبہ لطيفي حيدرآباد 1978ع.

64. گرامي غلام محمد مولانا، "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ 1413هہ/1992ع.

65. گربخشاڻي هوتچند مولچند (مولف) "لنواري جا لال" لنواري شريف اڪيڊمي 1987ع.

66. صديقي عبدالجبار (مترجم) "تشبيهات رومي" اداره پاٽ هائوس ۽ پبلشر حيدرآباد سنڌ.

67. نظاماڻي الهہ بخش، "لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو 1981ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

68. نظاماڻي مير محمد (مؤلف) "رسالو شاهه عبدالڪريم" (ڪلام - ڪريم) آر - اير فتح اينڊ برادرز، حيدرآباد، مغربي پاڪستان 1961ع.
69. مرزا قليچ بيگ، "احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي"، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد سنڌ، تصحيح ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڇاپو پهريون 1972ع.
70. مرزا قليچ بيگ، "سنڌي ويا ڪرڻ" (ٻاڳو ٻيو) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ڪراچي سنڌ 1960ع.
71. مرزا قليچ بيگ، "علم بديع ۽ علم عروض"، اداره قليچ ٽنڊو ٺوڙهو حيدرآباد، ڇاپو پهريون 1953ع.
72. مرزا قليچ بيگ، "رسالو ڪريمي"، يوسف برادرز، حيدرآباد، ڇاپو پهريون 1904ع.
73. مرزا قليچ بيگ، "لغات لطيفي" نئون مرتب الحاج سيد علي رضا شاهه بخاري مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور - 1998ع.
74. مرزا حبيب الله پروفيسر، "سر مارئي"، نسيم بڪ ڊپو، فوجداري روڊ حيدرآباد.
75. مرزا ممتاز (مرتب) "مبين عيسيٰ جا سنڌي بيت" شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، حيدرآباد سنڌ 1414هه/1993ع.
76. موسوي عبدالحسين شاهه (مؤلف) "ديوان بيدل" سنڌي ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد 1954ع.
77. مولائي شيدائي رحيمداد، "جنت سنڌ" سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو حيدرآباد سنڌ، 1985ع.
78. مولوي محمد صادق راڻيپوري (مرتب) "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ڪراچي پاڪستان 1959ع.
79. ميرڪ يوسف، "تاريخ مظهر شاهجهاني" (ترجمو) نياز همايوني، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1979ع.
80. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، "سنڌي ادب جو مختصر جائزو" عجائب اسٽور سکر 1976ع.
81. ميمڻ عبدالمجيد "سنڌي ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس"، روشني پبليڪيشنس ڪنڊيارو، 1996ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

102. ــ ماهي مهراڻ - 3-1974ع.
103. ــ ماهي مهراڻ - 1-1967ع.
104. ــ ماهي مهراڻ - 3-4-1969ع.
105. ــ ماهي مهراڻ - 1-1975ع.
106. ــ ماهي مهراڻ اپريل کان سيپٽمبر -1975ع.
107. "ڪينجهر" (4) سنڌي شعبو سنڌي يونيورسٽي 1990ع.
108. "ڪينجهر" (6) سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي 1994ع - 1995ع.
109. ڪلاچي تحقيقي جنرل، جلد ٻيو، شمارو پهريون - 1999ع - شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي.
110. ڪلاچي تحقيقي جرنل، جلد ٽيون، شمارو پهريون، 2000ع - شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي.
111. نذر لطيف، محڪمه اطلاعات سنڌ - 1954ع.
112. نقش لطيف - 1977ع.
113. يادگار لطيف - 1955ع.
114. يادگار لطيف - 1960ع.
115. يادگار لطيف - 1961ع.

## اردو ڪتاب

### (الف) لغات ۽ انسائيڪلوپيڊياز

116. ٻٽي محمد امين (مؤلف و مرتب) "اظهر اللغات جامع"، اظهر پبلشرس، اردو بازار لاهور، 1994ع.
117. "فيروز اللغات"، فيروز سنز (پرائيويٽ) لميٽيڊ لاهور 1962ع.
118. سرهندي وارث، "علمي اردو لغت"، علمي ڪتب خانه، ڪبير اسٽريٽ، اردو بازار لاهور.
119. محمد رفيع محمد وڪيع (مؤلفين) "جامع اللغات اردو"، دارالاشاعت م قابل مولوي مسافر خانه ڪراچي.
120. سيد قاسم محمود (مدير) "اسلامي (مڪمل) انسائيڪلوپيڊيا،" شاهڪار بڪ فائونڊيشن، 1984ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ENGLISH BOOKS

## Section (A) Dictionaries

163. John Shakespere, "Urdu-English & English-Urdu Dictionary", Sang-e-Meel Publication Lahore - 1986.

164. John, T. Plates, "A Dictionary of Urdu, Classical Hindi & English", Sang-e-Meel Publications Karachi, 1983.

165. Judy Parsal & Bill Trumble, "The oxford English Reference Dictionary", Oxford University Press, Oxford, New York - 1950.

166. Macdonald, A.M, Editor, "Chambers Twenteeth Century Dictionary, Revised Edition, W&R Chambers Ltd, 1977.

167. "Persian - Arabic - English Dictionary", Sang-e-Meel Publication Lahore 1984.

168. Qureshi Bashir Ahmed, "Twenteeth Century Practical English to English & Urdu Dictionary", Katabistan Publishing company, Lahore.

169. "The American Heritage Dictionary & English Language", 3rd Edition, Higheton, Meffen Company 1992.

170. "The Consise Oxford Dictionary of current English, 8thk Edition, Clarondon Press oxford 1990.

## SECTION (B)
## Encyclopaedia

171. "Encyclopaedia of Brittanica" Vol: 5, Encyclopaedia Brittanian Ltd, Chicago-London-Toronto-1960.

172. "Hutchinson's New 20th Century Encyclopaedia", With Revised Edition, Edited by E.M. Horsley, Huchinsonns & Company Ltd. 1964, 1970.

173. Merriam Webester's, "Encyclopaedia of Liteature", Merriam Webester incorporated Spring field Massachussets, U.S.A.

174. "The Encyclopaedia Americana", International Edition Vol: 18 Lanington avenue New York.

175. "The Hutchinson Encylopaedia" New Edition, Book Club Associates by Hellicon Publishing Ltd. 1992.

176. "The MacMillan Enclyclopaedia", New Edition, Market House Books Ltd: Ilisburg, 1981-1986.

177. "Webster's New World Encylopaedia", Revised Edition of 9th Edition, Prentise Hall, 15 Chambers Circle N.Y. 1992.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# SECTION (C)
## Other Books


178. Ahmed Nabi Khan (Editor) "International Symposium on Moen-jo-Daro, 1973", National Book Foundation Karachi-1975.

179. Arberry Arther John, "Discourses of Rumi" London 1961.

180. Arberry A.J, "Sufism", George Allen & Unwin Ltd London IInd impression 1956.

181. Baloch Nabi Bux Dr:, "Sindh through the Centuries" A Panaromic review, Karachi, 1975.

182. Brown E.g, "Literary History of Persia", Voo: I Cambridge University Press 1956.

183. Bahri Hardev, "Persian Influence on Hindi", Bharti Press Publications, Allah Abad 1960.

184. Dogar Tufail Ahmed, "Standard General Knowlege", Kishwar Publications, Urdu Bazar Lahore.

185. Gulraj Jethanand Persam, "Sindh & Its Sufies", Sang-e-Meel Publications Lahore-1979.

186. G. Isac"Background of Modern Poetry", London 1951.

187. Jotwani Motilal, "Shah Latif, His Life & Work", University of Delhi, 1975.

188. Lalwani Lilaram Watanmal, "The Life, religion & poetry of Shah Latif", Sang-e-Meel Publications Lahore-1987.

189. Levy, R. "Persian Literature", Oxford University Press London 1956.

190. Nicholson, Ronald Alleyne, "Literary History of Arabs", Cambirdge University Press, 1961.

191. Nicholson, R.A, "Selected Poems from Dewan-e-Shams-e-Tabrez", Cambridge University Press, 1961.

192. Nicholson, R.A, "Studies in Islamic Mysticism" Cambridge University Press, Reprinted, 1967.

193. Paul Harvey, "The Oxford Companion to English Literature "4th Edition Clarandon Press Oxford 1967.

194. Paul Harvey,"The Oxford Companion to Classical Literature" Clarandon Press Oxford, 1967.

195. "Princely General Knowledge "Prince Book Depot, Chowk Urdu Bazar Lahore 1990-91.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

196. Qazi I.I "Shah Abdul Latif, An introduction to His Art", Sindhi Adbi Board, Hyderabad Sindh.

197. Richardson, I.,A, "Principles of Literary Criticism", London-1961.

198. Saniders' Discovery of Poetry", New Jerry 1967.

199. Sayed Dur-e-Shahwar Dr. "The poetry of Shah Abdul Latif", Sindhi Adabi Board Jamshoro/Hyderabad, 1988.

200. Schimmel A.M " Mystical Dimensions of Islam", Chappel Hill 1978.

201. Schimmel, A.M, "Pain & Grace", Leiden 1976.

202. Schimmel AM., "The Triumphel Sun", A Study of the Works of Jalaluddin Rumi, London-Hague 1990.

203. William Henery Hudson, "An Introduction to the Study of Literature", and Edition George & Harrap & Comp Ltd: Oxford University Press 1970.

204. William C. Chittick, "The Sufi Path of Love" State University of New York Press Albany 1983.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book